

# خليل جبران

# مرشد جو نينهن ۽ نياپو

سنڌيڪار: م. ن. مخزون

كتاب نمبر (٦٢)

# مرشد جو نينهن ۽ نياپو

The Voice of the Master

جو ترجمو


جبران خليل جبران

سنڌيڪار: م . ن . محزون



سنڌي ساهت گهر، حيدرآباد سنڌ

١٩٩٣ع

حق ۽ واسطا اداري وٽ محفوظ

كتاب جو نالو: مرشد جو نينهن ۽ نياپو
ليكڪ: جبران خليل جبران
سنڌيكار: م. ن. محزون
ڇاپو: پهريون
ڇپجڻ جي تاريخ: مئي ١٩٩٣
كمپوزنگ: كريم كمپوزرس، گول بلڊنگ،
حيدرآباد، سنڌ

(سنڌي ساهت گهر- كتاب نمبر ٻاهٺ (٦٢) )

قيمت: / 30
ٽيهه روپيا

MURSHID-JO-NEENHUN-AIN-NIAPO
BY: GIBRAN KHALIL GIBRAN
Translated in Sindhi By: M. N. MAHZOON
Published By: Naz Sanai
Sindhi Sahat Ghar, 3 - Nizam Lodge Gari Khata
Hyderabad, Sindh.
Book No. 60 - March 1993
Per copy R. 30/-

# ٻـه اکـر

جبران خليل جبران جو هيءُ شهڪار، ”مرڻ جو نـيـنـهـن ۾ نـياپـو“، اسـان جي مـحـتـرم دوسـت م.ن.محزون ترجمو ڪيو آهي.

مـحزون صاحب، خلـيـل جبـران جي سمـوريـن تحريرن کي ترجمو ڪيو آهي، ان سلسلي ۾ ”سنڌي ساهت گهر“ طرفان هي پنجون ڪتاب آهي. هن کان اڳ ڪنوار جي سيج، ٻـگـل ڪنيزاتيون، پيغامبر، پيغامبر جو بـاغ ڇـپجي منـظـر عـام تـي اچي چـڪـا آهـن ۽ تـرت جبران جو انتهائي ٻلوڙ ڪتاب ”مرڪ ۽ لڙڪ“ به ڇپڻ تي رهيو آهي. ان کانپوءِ ٻيا ڪتاب پڻ جن جو اسان جي لائق پڙهندڙن کي انتظار آهي.

**نـاز سـنـائـي**

٨-مئي، ١٩٩٣ع

پنهنجن ٻچڙن جي نالي
جيڪي مهرالنساء ۽ محزون
جي سازِمحبت مان پئدا ٿيندڙ
نغمه آهنَ ۽ جي دل کي سرور
۽ روح کي راحت بخشن ٿا.
محزون

ترجمو:

هڪ زبان جي جادو کي،

ٻي زبان جي سحر ۾

منتقل ڪرڻ جو

عمل آهي.

جبران

شعر، هڪ فلسفو آهي، جيڪو دلين تي جادو
ڪري، ڪين خوش ڪري ٿو.
فلسفو، هڪ شعر آهي، جنهن جا نغمہ، فڪر
جي ساز ڪان بلند ۽ بالا آهن.
جيڪڏهن اسان هي ٻئي خيال هڪ هنڌ گڏ ڪري
سگهون تہ اهڙي وقت، افڪار مان پيدا ٿيندڙ راڳڻيون، دلين تي جادو
ڪن ٿيون ۽ اسان
جي زندگي، خدائي پاڇي ۾ گذارڻ جو سبب بڻجن ٿيون.
جبران

جبران خليل جبران سنہ ١٨٨٣ع ۾ لبنان جي هڪ ڀهراڙي بشري ۾ ڄائو، سندس پيءُ ڪٽر مسيحي هو ۽ مارونائٽ فرقي سان واسطو رکندو هو.

جبران بيحد سنجيده فطرت ۽ خاموش طبع هو. شروعاتي تعليم پنهنجي ڳوٺ بشري ۾ ئي ورتائين. ٻارهن سالن جي عمر ۾ پنهنجي ماءُ، هڪ ڀاءُ ۽ ڀيڻرن سان گڏ امريڪا ويو ۽ ڪجهہ وقت اتي تعليم حاصل ڪيائين. پر وري بيروت موٽي آيو ۽ مدرسة الحکمت ۾ داخلا ورتائين جتي ادبيات عاليہ، حڪمت ۽ فلسفو پڙهيائين. ١٩٠٣ع ۾ ٻيهر امريڪا موٽي ويو ۽ بوسٽن ۾ رهائش اختيار ڪيائين.

عربي ادب سان کيس بيحد محبت هئي. امريڪا ۾ تقريباً پنج سال رهيو ۽ انهيءَ عرصي ۾ عربي زبان ۾ ڪجهہ ڪتاب لکيائين.

١٩٠٨ع ۾ جبران جي جدت پسند دماغ کيس وري سفر تي آماده ڪيو ۽ هن فرانس جو سفر اختيار ڪيو. جبران پئرس ۾ ٽي سال رهيو ۽ هڪ فلسفي سياح جي حيثيت ۾ يورپ جي سيني وڏن وڏن شهرن جو سير ڪيو. هن فرينچ ادب ۽ فنون عاليہ ۾ امتيازي سندون حاصل ڪيون ۽ کيس ١٩١١ع ۾ فرينچ ايڪيڊمي آف آرٽس جو ميمبر مقرر ڪيو ويو.

١٩١٢ع ۾ وري ٽيون ڀيرو امريڪا موٽي ويو ۽ نيويارڪ ۾ آخري وقت تائين زندگي گذاريائين.

هيءُ عام خيال آهي تہ جبران لامذهب هو، جيڪو صحيح نہ آهي. جبران تہ پڪو مسيحي هو ۽ مرندي گهڙيءَ تائين مسيحي رهيو. هن جون ڪيتريون تصنيفون آهن جن ۾ "مسيح" جي زندگي ۽ تعليمات جو ذڪر آهي. ليڪن هيءُ بلڪل صحيح آهي تہ هو پادرين جي هٺ هٺيءَ واري دڪانداريءَ خلاف هو.

جبران هڪ جديد ۽ لطيف رومانی دنيا جو موجد آهي. هن جي سوچ ۾ همہ گيري، بيان ۾ فصاحت ۽ بلاغت، ۽ تحرير ۾ جمالياتي دلڪشين جا ڪمال، سندس خدائي ذات تي مبني آهن. هن جي حسين خيالن کي پڙهڻ سان پڙهندڙ خوشي محسوس ڪري ٿو.

جبران انتها درجي جو اڪيلائي پسند هو ۽ هميشہ پنهنجي حال ۽ مال ۾ مست رهندڙ انسان هو. جبران کي غريبن سان محبت هئي.

جبران فلسفي جي ڏکين مسئلن کي آسان بڻائي پيش ڪري ٿو. هيءُ هڪ جديد اسڪول جو موجد آهي.

جبران هڪ ڪار جي حادثي ۾ ١٠ اپريل ١٩٣١ع تي هن دنيا مان لاڏائو ڪيو. سندس مداحن سندس ميت کي لبنان پهچايو، جتي بشري ۾ سينٽ سرڪيس جي ديول واري قبرستان ۾ دفن ڪيو ويو.

هر سٺو اديب ۽ شاعر پنهنجي ماحول کان متاثر ٿيندو آهي، ليڪن هر سٺو اديب ۽ شاعر اهڙو بختاور ڪونہ هوندو آهي، جيڪو پنهنجي زندگيءَ ۾ پنهنجي احول کي متاثر ڪري، پر جبران کي هيءُ خوشنصيبي حاصل رهي.

جبران، عربي، انگريزي ۽ فرينچ ٻوليون ڄاڻندڙ هو. عربي زبان جيئن تہ سندس مادري زبان هئي، تنهنڪري جنهن حسن ۽ خوبيءَ سان پنهنجن خيالن جو اظهار، هن عربي ۾ ڪيو آهي، سو ٻين زبانن ۾ نہ ٿو ملي. سندس ڪلام جو گهڻو حصو عربيءَ ۾ آهي. هن جي ڪتابن جو ترجمو دنيا جي زنده ٻولين ۾ ٿي چڪو آهي.

# مرشد جو نينهن

## مرشد جو وينس ڏانهن سفر

۽ آخرڪار، مريد، پنهنجي مرشد کي، جنهن جي منهن تي شديد غم جا آثار صاف نظر پئي آيا، باغ ۾ چپ چاپ هيڏانهن هوڏانهن وکون کڻندي ڏٺو. مريد، مرشد کي سلام ڪيو ۽ ڪائنس سندن غم جو ڪارڻ پڇيو. مرشد پنهنجي لٺ سان اشارو ڪندي مريد کي انهيءَ چپ تي ويهڻ جو حڪم ڪيو، جيڪا مڇيءَ واري تلاءَ جي ڀر سان هئي. مريد حڪم جي پوئواري ڪئي ۽ مرشد جي ڳالهه ٻڌڻ لاءِ تيار ٿي ويٺو.

مرشد چيو، "تون چاهين ٿو ته مان توکي پنهنجي غم جي اها روئداد ٻڌايان، جنهن کي منهنجي ياد، رات ڏينهن منهنجي دل جي اسٽيج تي رچائيندي رهي ٿي. تون منهنجي خاموشي ۽ رازداري کان تنگ ٿي چڪو آهين. تون منهنجي آهَن ۽ دانهن کان عاجز ٿي چڪو آهين. تون دل ئي دل ۾ چوين ٿو، "جيڪڏهن مرشد مون کي پنهنجن ڏکن ۽ سورن جي مندر ۾ داخل ٿيڻ نه ٿو ڏئي ته پوءِ ڀَلا مان سندس پيار ۽ محبت جي گهر ۾ ڪيئن داخل ٿي سگهندس؟"

"چڱو، منهنجي ڳالهه ٻڌ...... ٻڌ، پر همدرد بڻجڻ جي ڪوشش نه ڪجانءِ! ڇاڪاڻ ته همدردي صرف ڪمزورن لاءِ جائز هوندي آهي، ۽ مان باوجود پنهنجي غم جي، اجان به طاقتور آهيان."

”پنهنجي جوانيءَ وارن ڏينهن کانوٺي، سجاڳيءَ ۾، توڙي ننڊ ۾، مان هڪ عجيب عورت جي پاڇي کي ڏسندو رهيو آهيان.

رات جو جڏهن اڪيلو هوندو آهيان تہ ڪيس پنهنجي بستري تي، پر ۾ وينل ڏسندو آهيان. اڌ رات جي خاموشيءَ ۾ مان سندس فردوسي آواز ٻڌندو آهيان. اڪثر، ذهن مان پنهنجون اکيون بند ڪندو آهيان، تہ ائين محسوس ڪندو آهيان، تہ جڻ سندس نازڪ آڱريون، منهنجن چپن کي ڇهنديون هجن، پر جڏهن اکيون کوليندو آهيان تہ پاڻ تي ڊپ طاري محسوس ڪندو آهيان، ۽ اوچتوئي اوچتو، ”فنا“ جي سرگوشين کي ڌيان سان ٻڌڻ لڳندو آهيان ........

”اڪثر حيرت مان دل کان پڇندو آهيان: ”ڇا، هيءَ منهنجو خيال تہ نہ آهي، جيڪو مونکي ايستائين رلائيندو رهندو، جيستائين مان ڪڪرن جي جهان ۾ گم ٿي وڃان؟ ڇا، مون پنهنجن خوابن جي دنيا مان، ڪا نازڪ ۽ مٺڙو ڳالهائيندڙ ديوي پنهنجي لاءِ تخليق تہ نہ ڪئي آهي؟ ڇا، منهنجي مَتِ تہ نہ ڪسجي وئي آهي ۽ جنون ۾ مون پنهنجي لاءِ هن محبوبہ ساٿڻ کي تخليق ڪيو آهي؟ ڇا، ايئن تہ نہ آهي تہ انساني سماج ۽ شهر جي رؤنق کان، مان انهيءَ ڪري پاسو ڪيو آهي تہ جيئن، پنهنجي محبوبہ سان اڪيلو هجان؟ ڇا، انساني صورتن کي ڏسڻ کان، ۽ سندس آوازن کي ٻڌڻ کان، پنهنجون اکيون ۽ ڪَنَ انهيءَ لاءِ تہ بند ڪري نہ ڇڏيا آهن، تہ جيئن مان پنهنجي محبوبہ کي چڱيءَ طرح ڏسي سگهان، ۽ سندس مقدس آواز کي چڱيءَ طرح ٻُڌي سگهان؟

”اڪثر اچرج کائيندو آهيان، ”ڇا، مان ڪو چريو آهيان جنهن اڪيلائي کي پسند ڪيو آهي ۽ اڪيلائيءَ جي خيالن مان پنهنجي روح لاءِ هڪ ساٿڻ، ۽ زال تخليق ڪئي آهي؟

”مون ”زال“ چيو ۽ توکي انهيءَ لفظ تي تعجب لڳو. پر، ڇا، ڪڏهين ڪڏهن اهڙا عجيب واقعا ظاهر نہ ٿا ٿين، جن کان اسان نہ فقط حيران ٿي ٿيون ٿا، پر ڪين ناممڪن سمجهي غلط قرار ڏيون ٿا، ليڪن باوجود اسان جي ڪوشش جي، سندن حقيقت کي پنهنجي ذهن مان مٽائي نہ ٿا سگهون؟

”درحقيقت، هيءَ خيالي عورت منهنجي زال آهي، جا منهنجي زندگيءَ جي سڪن ۽ ڏکن ۾ برابر ساٿڻ آهي. صبح جو جڏهن مان سجاڳ ٿيان ٿو تہ ڪيس پنهنجي وهاڻي مٿان پاڻ ڏانهن اهڙن نوڙيل نيڻن سان نهاريندي ڏسان ٿو، جن ۾ محبت جي جوت ۽ ماءُ جي پيار جهڙو پيار سمايل هوندو آهي. مان جڏهن بہ ڪنهن ڪم ۾ هٿ وجهان ٿو تہ ڪيس آخر تائين پاڻ سان ٻانهن ٻيلي ڏسان ٿو.

مان د سترخوان تي مانيءَ لاءِ ويهان ٿو تہ هوءَ بہ مون سان گڏ ويهي ٿي ۽ اسين پاڻ ۾ ڳالهيون ڪيون ٿا. شام جو وري مون سا ملي ٿي ۽ چوي ٿي: "اسان کي هت ڪافي دير ٿي وئي آهي، اچ تہ ٻنين ۾ سرسبز پٽن ۾ هلون." پوءِ، مان پنهنجو ڪم ڇڏي ساڻس گڏ ٻنين ۾ نڪري وڃان ٿو ۽ اسان هڪ مٿاهين ڇپ تي ويهي، پري شفق کي تڪيندا رهون ٿا. هوءَ ڪڏهن تہ سونهري بادلن ڏانهن اشارو ڪندي آهي ۽ ڪڏهن انهن پکين جي لاتين ڏانهن ڌيان ڇڪائيندي آهي، جيڪي واهيري تي ويهڻ کان اڳ، رب جي طرفان عطا ڪيل آزاديءَ ۽ امن جي بدلي، سندس شڪرانو بجا آڻيندا آهن.

"اڪثر هوءَ منهنجي ڪمري ۾ اهڙي وقت بہ آئي آهي، جڏهن مان بيقرار ۽ پريشان هوندو آهيان، پر جيئن ئي منهنجي نظر مٿس پوندي آهي تيئن ئي منهنجو غم ۽ منهنجي ڳڻتي، خوشيءَ ۽ راحت ۾ بدلجي ويندا آهن. جڏهن منهنجو روح، انسان جي انسان سان بي انصافي ڏسي بغاوت ڪندو آهي، ۽، جڏهين مان سندس منهڙو انهن ماڻهن جي چهرن جي وچ ۾ ڏسندو آهيان، جن کان مان پاسو ڪرڻ چاهيندو آهيان، تہ منهنجي دل ۾ طوفاني اوتر ختم ٿي ويندو آهي ۽ سندس جاءِ، آسماني امن جا گيت پريندا آهن. جڏهن بہ مان اڪيلو هوندو آهيان ۽ زندگيءَ جا تيز ڀالا منهنجي دل کي چيريندا آهن، ۽ مان زندگيءَ جي زنجيرن سان زمين تي ٻڌل هوندو آهيان، تہ مان پنهنجي محبوبہ ساٿڻ کي پاڻ ڏانهن پيار پرين نيڻن سان نهاريندي ڏسندو آهيان تہ منهنجو غم، خوشيءَ ۾ بدلجي ويندو آهي، ۽ زندگي خوشين جي جنت نظر ايندي آهي.

"تون اهو سوال ڪري سگهين ٿو تہ مان انهيءَ عجيب وجود سان ڪيئن ٿو راضي رهان ۽ مون جهڙو شخص پنهنجي ڦوهہ جوانيءَ ۾ ڪيئن ٿو هڪ خواب و خيال ۾ خوشي محسوس ڪري؟ ليڪن مان توکي ٻڌايان ٿو تہ پنهنجي عمر جا ڪجهہ سال، جيڪي مون انهيءَ حالت ۾ گذاريا آهن، سي "زندگي،" "حسن،" "خوشي" ۽ "امن" جي باري ۾ منهنجي ڪل ڄاڻ جو بنياد آهن.

"ڇاڪاڻ تہ مان ۽ منهنجي خيال جي ساٿڻ، انهن افڪار مثل آهيون، جيڪي آزاديءَ سان سج جي روشنيءَ ۾ اڏرندا رهن ٿا. يا چنڊ جي چانڊاڻ ۾ سمندن مٿان ترندا هڪ گيت ڳائيندا رهن ٿا ها، امن ۽ آشتيءَ جو گيت، جيڪو روح کي راحت بخشي ٿو ۽ خاموش حسن ڏانهن سندس رهبري ڪري ٿو.

"زندگي تہ درحقيقت اها زندگي آهي جنهن جو مشاهدو ۽ آزمودو اسان روح جي ذريعي ڪيون ٿا. ليڪن اسان پنهنجي اردگرد جهان کي، عقل ۽ دليل

سان معلوم ڪيون ٿا. ۽ اهڙي معلومات اسان لاءِ نهايت خوشيءَ جو باعث يا بيحد رنج جو ڪارڻ بڻجي ٿي. منهنجي پاڳن ۾ ته غم ئي لکيل هو. سو اجان تيهن سالن جو ئي ڪونه ٿيو هوس جو غم سان واسطو پيو. ڪاش! مان انهن ورهين کان اڳ۾ ئي مري وڃان ها، جن ورهين منهنجي دل جو رت ۽ منهنجي حياتيءَ جو جوهر چوسي، مونکي انهيءَ سڙيل وڻ وانگر ترڙڪي ڇڏيو. جنهن جون سڪل ٽاريون نه ته هير ۾ لڏن ٿيون ۽ نه وري پکي پکڻ منجهن واهيرو ڪن ٿا ..........“

مرشد ڪجهه دير لاءِ چپ ٿي ويو، ۽ پوءِ مريد جي پرسان ويهي، وري ڳالهه شروع ڪيائين:

”اج کان ويهه سال اڳ، ڪوهِ لبنان جي گورنر، مون کي علمي دوري تي وينس ڏانهن موڪليو ۽ شهر جي ميئر جي نالي، جنهن سان سندس ملاقات قسطنطنيه ۾ ٿي هئي، هڪ سفارشي خط به ڏنائين. مان، لبنان مان هڪ اطالوي جهاز تي، اپريل جي مهيني ۾ روانو ٿيس. بهار جي خوشبوءِ هوا ۾ سمايل هئي، ۽ پري افق تي اڇا ڪڪر ائين ٿي نظر آيا، جو ڄڻ ته ڪي خوبصورت تصويرون ٽنگيل هجن. سفر جي بيحد خوشين جي تعريف، مان توسان ڪيئن بيان ڪريان؟ انسان جي دلين جي گهرائين ۽ جذبات جي ترجماني ڪرڻ لاءِ لفظ نهايت ٿورا، محتاج ۽ بيوس آهن.

”اهي سال، جيڪي مون پنهنجي روحاني ساٿڻ جي صحبت ۾ گهاريا، سي الفت، راحت ۽ خوشيءَ سان ڀريل هئا. مونکي وهم ۽ گمان به ڪونه هو ته مصيبت منهنجي تاڙ ۾ انتظار ڪري رهي آهي، يا، منهنجي خوشيءَ جي پيالي جي تري ۾ ڪا غم جي ڪوڙاڻ لڪل آهي.

”جيئن ئي ٻيڙي مونکي پنهنجي ڳوٺ جي ٽڪري ۽ ماٿرين مان ڪٺي، بيروت ڏانهن سفر شروع ڪيو، تيئن منهنجي ساٿڻ منهنجي پر ۾ اچي ويٺي. اهن خوشيءَ ڀريل ڏن ڏينهن ۾، جيڪي مون بيروت ۾ گذاريا، هوءَ هر وقت مون سان گڏ هئي، مون سان گڏ گهمندي ڦرندي هئي، جتي ويهندو هوس ته ويهندي هئي، ۽ جڏهن ڪنهن دوست سان سلام و دعا ٿيندي هئي ته ڪيس به مرڪندي ڏسندو هوس.

”۽ جڏهن به مهمان سراءِ ۾، بالڪنيءَ ۾ ويهي شهر کي ڏسندو هوس ته هوءَ به منهنجي اجاين خيالن ۾ شريڪ ٿيندي هئي.

"پر، جڏهن مان جهاز تي سوار ٿيڻ وارو ٿيس، تہ مون ايئن محسوس ڪيو تہ ڪو عجيب ۽ مخفي هٿ آهي، جنهن مونکي پڪڙيو آهي ۽ مونکي پوئتي ڇڪي رهيو آهي. مون پنهنجي اندر ۾ هڪ آواز ٻڌو جو آهستي رازداريءَ سان چئي رهيو هو: "پوئتي موٽ! نہ وڃ!! انهيءَ ڪان اڳ جو جهاز پڳهہ ڇوڙي ۽ سڙهہ سنوان ڪري، موٽي ڪناري تي وڃ!"

"مون انهيءَ آواز تي ڪن ڪونہ ڏنو پر، جڏهن جهاز سڙهہ سنوان ڪيا، ن پاڻکي انهيءَ ننڍڙي پکيءَ مثل محسوس ڪيم، جنهنکي باز جهٽي، چنبن ۾ ڪري، مٿي آسمان ڏي اڏري.

شام جو، جڏهن لبنان جا جبل ۽ ٽڪريون سمنڊ جي ڪوهيري ۽ شفق ۾ آهستي آهستي لڪي ويا، تڏهن مون پاڻ کي جهاز جي مُهري تي اڪيلو ڏٺو. مون پنهنجي خوابن جي رانيءَ کي ...... انهيءَ عورت کي، جنهنکي منهنجي دل پيار ڪندي هئي، جيڪا منهنجي زندگيءَ جي ساٿڻ هئي، هيڏانهن هوڏانهن ڳوليو. پر ڪيس پنهنجي پر ۾ نہ ڏٺم. هوءَ خوبصورت دوشيزهہ، جنهنجو چهرو، جڏهن بہ مون آسمان ڏانهن نهاريو، تہ مونکي نظر آيو، جنهنجو مٺڙو آواز، مون رات جي خاموشيءَ ۾ ٻڌو، ۽ جنهن جو هٿ جهلي، مان بيروت جي گهٽين ۾ گهميس، مون سان ساڻ نہ هئي.

"پنهنجي زندگيءَ ۾ پهريون ڀيرو، مون پاڻ کي، هڪ جهاز ۾ سامونڊي سفر ڪندي، بلڪل اڪيلو ڏٺو. مان ڊيڪ تي هيڏي هوڏي هلڻ لڳس، ۽ دل جو دل ۾ کيس سڏڻ لڳس، ۽ سمنڊ جي لهرن کي بہ انهيءَ اميد سان گهوريندو رهيس تہ من منجهائن سندس منهڙو ڏسڻ ۾ اچي. پر سڀ ڪوشش رائيگان وئي. اڌ رات ڌاري جڏهن سڀ مسافر آرامي ٿي چڪا هئا، مان اڪيلوئي ڊيڪ تي حيران، پريشان ۽ منتظر بيٺو هوس.

"اوچتو مون مٿي نهاريو، ۽ مون کيس ڏٺو. ها، منهنجي زندگيءَ جي ساٿڻ، منهنجي مثان، هڪ ڪڪر ۾، جهاز جي مهري کان ٿورو پريرو، مونکي نظر آئي. مون خوشيءَ ۾ ڇال ڏنو، ۽ ٻانهون ڪنڊيڙي وڏي آواز ۾ کيس چيم، "منهنجي محبوبہ! تو مونکي ڇو وساري ڇڏيو آهي؟ تون ڪٿي هئينءَ؟ هاڻي منهنجي ويجهو آءُ ۽ مونکي وري ڪڏهن بہ اڪيلو ڇڏي نہ وڃ!"

"هوءَ نہ چُري. مون سندس چهري تي ڏک ۽ سور جا اهڃا تہ آثار ڏٺا، جيڪي مون اڳي ڪڏهن بہ نہ ڏٺا هئا. نهايت آهستي پر غمگين آواز ۾ هن چيو: "سمنڊ جي اٿاهہ گهرائين مان، صرف هڪ نظر توکي ڏسڻ آئي آهيان. ڇگو،

هاٿي، پنهنجي ڪمري ۾ وَج ۾ پاڻ کي خوابن ۾ ننڊ جي حوالي ڪر!

”۽ اهي اکر چئي هوءَ ڪڪرن ۾ غائب ٿي وئي. هڪ بڪايل ٻار وانگر، مان واڪا ڪري ڪيس سڏڻ لڳس. مون هر طرف پنهنجون ٻانهون وڌايون پر منهنجي ياڪر ۾ ماڪ ۾ ڀنل رات واري هوا جي ٻيو ڪجهه به ڪين آيو.

”مان هيٺ پنهنجي ڪمري، ڏانهن ته موٽيس پر پنهنجي اندر ۾ مانڌاڻ محسوس ڪندي، ائين پئي لڳو ته جڻ مان هڪ ٻيءَ ٻيڙيءَ ۾ سوار آهيان، جيڪا حيراني ۽ نااميديءَ جي مست سمنڊ تي لڏي لَمِي رهي آهي.

”نهايت تعجب جي ڳالهه آهي ته جيئن ئي مون وهاڻي تي مٿو رکيو، تيئن ئي مونکي اُنهور ننڊ ڪٺي وئي.

”مون هڪ خواب ڏٺو، ۽ پنهنجي خواب ۾ ڏٺم ته صليب وانگر هڪ صوف جو وڻ آهي، جنهن ۾ منهنجي زندگيءَ جي ساٿڻ، ايئن ٽنگيل آهي جو جڻ ته ڪيس مصلوب ڪيو ويو هجي، ۽ سندس هٿن ۽ پيرن مان رت جا قطره وڻ مان ڪرندڙ ٽڙيل گلن تي ٽمي رهيا هئا.

”جهاز، ڏينهن ۽ رات سفر ڪندو رهيو، پر مون تي سڪرات جهڙي ڪيفيت طاري رهي، ۽ معلوم ئي نه ٿي ٿيو ته مان ڪو انسان آهيان يا ڪو ڪڪرن سان ڀريل آسمان ۾ ڀٽڪندڙ روح آهيان. مون پنهنجي رب کي نهايت عاجزيءَ سان ٻاڏايو ته گهٽ ۾ گهٽ مان سندس آواز ٻڌان، يا سندس پاڇي جي هڪ جهلڪ ڏسان، يا سندس نازڪ ۽ نفيس آڱرين کي پنهنجن چپن سان ڇهندي محسوس ڪيان، پر منهنجون سڀ عاجزيون ۽ دعائون اجايون ثابت ٿيون.

”چوڏهن ڏينهن گذري ويا پر مان اجان اڪيلو هوس. پندرهين ڏينهن منجهند ڌاري پري کان اٽليءَ جو ڪنارو ڏسڻ ۾ آيو، ۽ سج لٿي مهل اسان بندرگاهه ۾ داخل ٿياسين. ڪيترائي ماڻهو مسافرن جي آجيان ڪرڻ ۽ کين شهر ۾ پهچائڻ لاءِ خوبصورت ۽ سينگاريل * گنڊولا ڪاهي آيا.

وينس جو شهر ڪيترن ئي ويجهڙن ويجهڙن ننڍن ٻيٽن تي ٻڌل آهي. سندس گهٽيون ”واهه“ آهن ۽ ڪيترائي محل ۽ ماڙيون پاڻيءَ مٿان ٻڌل آهن. آمدورفت جو ذريعو بس فقط گنڊولا ئي آهن.

.* گنڊولا= وينس جو شهر ٻاهر ٻيٽن تي ٻڌل آهي. تنهن ڪري موٽرن ۽ ڪارن جي بدران آتي آمدورفت ٻيڙين تي ٿيندي آهي-۽ اهي ٻيڙين ڏاڍيون سينگاريل هونديون آهن. انهن ٻيڙين کي گنڊولا چئبو آهي.

”مون واري گندولي جي ملاح مونکان پڇيو تہ مان ڪيڏانهن ويندس؟ ۽ جڏهن مون کيس ٻڌايو تہ مان وينس جي ميئر ڏانهن ويندس، تہ خوف مان مون ڏانهن ڏٺائين. جيئن اسين پاڻيءَ وارين گهٽين مان سفر ڪندا رهياسين تيئن رات جي ڪاري چادر شهر مٿان پکڙجڻ شروع ڪيو. محلن، ماڙين ۽ ديولين جي درين مان ٻتين جون روشنيون جهاتيون پائي رهيون هيون ۽ پاڻيءَ ۾ سندن عڪس، شهر جو اهڙو تہ نظارو پيش ڪري رهيو هو جو ڄڻ ايئن پئي محسوس ٿيو تہ ڪنهن شاعر جو خواب آهي، جيڪو وٺندڙ بہ آهي تہ هوش وڃائيندڙ بہ.

”جڏهن گندولو گهٽيءَ جي موڙ وٽ پهتو، تڏهن اوچتو مون ديول جي ماتمي گهنڊن جي وڄڻ جو آواز ٻڌو. جيتوڻيڪ مون تي هڪ وجداني ڪيفيت طاري هئي ۽ عالمِ هستيءَ کان ڪوهين ڏور هئس، تنهن هوندي بہ گهنڊن جو آواز منهنجي دل کي ڏاري رهيو هو ۽ منهنجي روح کي اداس ڪري رهيو هو.“

”گندولو، هڪ سنگ مرمر جي ڏاڪڻ سان اچي لڳو، جنهن جا ڏاڪا مٿي پڪيءَ سڙڪ تائين هئا. گندولي واري، هڪ باغ جي وچ ۾، هڪ خوبصورت محل ڏانهن اشارو ڪري چيو! ”اجهو، هيءَ آهي اوهان جي منزل.“ آهستي آهستي ڏاڪڻ تان، جيڪا محل ڏانهن تي وئي، مان مٿي چڙهيس ۽ پٺيان گندولي وارو منهن جو سامان کڻي اچڻ لڳو. جڏهن مان محل جي دروازي تي پهتس تڏهن مون گندولي واري جو ٿورو مڃيندي کيس سندس ڀاڙو ڏنم.

”مون گهنٽي وڄائي ۽ دروازو کليو. جيئن ئي مان اندر گهڙيس تہ ماتم جو آواز منهنجي ڪن تي پيو. مونکي نهايت تعجب ٿيو ۽ منجهي پيس. هڪ پوڙهو نوڪر وڏي مون وٽ آيو، ۽ نهايت ڏکاري آواز ۾ منهنجي اچڻ جو مقصد پڇيائين.

مون پڇيو، ”ڇا ميئر جو محل هيءَ ئي آهي؟“ هن ڪنڌ جهڪائي ”ها“ ڪئي، ۽ مون کيس لبنان جي گورنر جو خط ڏنو، جنهن کي هڪ نظر ڏسي چپ چاپ ”ملاقاتي ڪمري“ جي دروازي ڏانهن ويو.

”مون مڙي هڪ نوجوان نوڪر کان هن ماتم ۽ غم جو ڪارڻ پڇيو. هن وراڻيو تہ ميئر جي ڌيءَ اڄ گذاري وئي آهي، ۽ ايئن چئي منهن ڍڪي زار و زار روئڻ لڳو.

”انهيءَ شخص جي احساسات ۽ جذبات متعلق تہ سوچو، جيڪو اميدن ۽ نااميدن جي پاڇن ۾ سمنڊ جهاڳي جڏهن پنهنجي منزل تي پهتو تہ پاڻ کي هڪ

اهڙي محل جي دروازي وٽ بيٺل ڏٺائين، جنهن جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ غم ۽ ماتم جا پاڇا چرپر ڪري رهيا هجن.

"انهيءَ مسافر جي احساسات متعلق ته ڪجهه خيال ڪيو، جيڪو هڪ اهڙي محل ۾ مهمان ٿيڻ لاءِ پهتو هو، جتي موت پنهنجون ٻانهون ڪنڊيڙيو، آجيان لاءِ منتظر هو.

"جلدئي اهو پوڙهو خادم موٽيو ۽ جهڪي چيائين: "ميٺر، اوهان جو انتظار ڪري رهيو آهي."

"هو مونکي دالان جي آخري چيڙي تائين وٺي هليو ۽ پوءِ در کولي مونکي اندر وڃڻ جو اشارو ڪيائين. "ملاقاتي ڪمري" ۾ مون ڪي شهر جي معزز ماڻهن ۽ پادرين جو هڪ وڏو ميڙ نظر آيو، جن جي چهرن تي گهري خاموشي ڇانيل هئي، ڪمري جي وچ ۾ هڪ اڇي ڏاڙهيءَ واري پوڙهي شخص مون سان هٿ ملايو ۽ مرحبا ڪئي ۽ چيائين، "اسان بدنصيبن جو هيءَ ميڙ توکي "خوش آمديد" ٿو چوي. مونکي افسوس آهي ته تون هڪ ڏکيو سفر ڪري اسان وٽ آئين، پر اسان کي پنهنجي پياري نياڻيءَ جي غم ۾ مبتلا ڏٺو. مونکي وڏي اميد آهي ته اسان جو هيءُ غم تنهن جي مقصد ۾ رڪاوٽ نه بڻجندو ۽ مان پنهنجي وس آهر هر ممڪن ڪوشش ۽ مدد ڪندس.

مون انتهائي پُراثر لفظن ۾ سندس غم تي، پنهنجي غم جو اظهار ڪيو، ۽ سندس مهربانين جو به ٿورو مڃيو. تنهن ڪانپوءِ، هو مون کي هڪ ڪرسيءَ ڏانهن وٺي ويو ۽ مان به ٻين رانگر چپ چاپ ويهي رهيس."

جيئن مون ماتم ڪندڙن جي غمگين چهرن کي ڏٺو ۽ درد ڀريل آهن کي ٻڌو، تيئن منهنجي دل به غم ۽ درد جي سبب ٻڏڻ لڳي.

"جلدئي هڪ هڪ ٿي ڪري ماڻهو موڪلائي ويندا رهيا، ۽ انهيءَ خاموش ڪمري ۾ سواءِ منهنجي ۽ انهيءَ ڏکايل پيءُ جي ٻيو ڪوبه نه رهيو. جڏهن مون به موڪلائڻ واري ڪئي، تڏهين مونکي جهلي چوڻ لڳو: "منهنجا دوست، مهرباني ڪري تون ته نه وڃ. جيڪڏهين، اسان سان گڏ، اسان جي غم ۾ شريڪ ٿيڻ برداشت ڪري سگهين، ته پوءِ مون وٽ ئي مهمان ٿي رهه."

"هن جي لفظن مونکي بيحد متاثر ڪيو ۽ هائو ڪندي ڪنڌ جُهڪائيم. هن وڌيڪ چيو: "اوهان لبناني، پنهنجي ملڪ ۾ مهمانن لاءِ نهايت فراخ دل آهيو، سو جيڪڏهين اسان به پنهنجي لبناني دوست جي آرام ۽ خاطرداريءَ ۾ ٿوري به

”هيءَ آهي منهنجي ڪهاڻي. مان انهيءَ جي پڄاڻي ڪيئن ٿو ڄاڻان؟ جڏهين ته، حقيقت ۾ ڪيس پڄاڻي ڪانهي-“

”مان ڳوڏن ڀر، چپ چاپ انهيءَ ميت جي پرسان ويٺو، سندس حور جهڙي چهري کي ڏسندو رهيس، تان جو اڄ صبح ٿيو. ۽ پوءِ اهڙي حال ۾ آئي پنهنجي ڪمري ۾ آيس جو منهنجي چيلهه ”دائمي حقيقت“ جي بار کان جهڪيل هئي ۽ مظلوم انسانيت جو درد اندر ۾ سمايل هو.

”ٽن هفتن ڪانپوءِ مان وينس کان لبنان ڏانهن موٽيس، پر ائين ٿي محسوس ڪيم جو، ڄڻ ته ماضيءَ جي وسيع ۽ خاموش گهرائين ۾، مون کي صديون گذاريون هجن!

”پر اهو پاڇو موجود رهيو. جيتوڻيڪ مون کيس موت جي آغوش ۾ ڏنو هو. پر منهنجي اندر ۾ هوءَ زندهه هئي. مون سندس پاڇي ۾ جاڪوڙ ڪئي ۽ پرايو. منهنجي جاڪوڙ ڪهڙي هئي؟ سا، تون، منهنجا مريد چڱيءَ طرح ڄاڻين ٿو.

”جيڪو علم، ۽ دانائي مون حاصل ڪئي، سا مون پنهنجي وطن وارن ۽ سندن حاڪمن کي پڌائڻ جي ڪوشش ڪئي. مون لبنان جي گورنر الحارث تائين انهن مظلومن جو فرياد پهچائيو، جيڪي حڪومت جي ناانصافي، ۽ پادرين جي ظلم جو شڪار هئا.

”مون کيس مشورو ڏنو ته پنهنجي وڏن جي طريقي تي هل ۽ انهن وانگر پنهنجي رعيت سان رحم، انصاف ۽ مهرباني سا پيش اچ. ۽ مون کيس چيو ته: ”عوام ئي اسان جي رياست جو شان ۽ دولت جو ذريعو آهي.“ مون کيس وڌيڪ ايئن به چيو ته ”هڪ حاڪم کي پنهنجي ملڪ مان چئن شئين جو بلڪل خاتمو ڪري ڇڏڻ گهرجي: بي انصافي، لوڀ (رشوت) ڪُوڙ ۽ بدامني.“

”انهن ڳالهين ۽ منهنجي تعليمات جي ڪري، مون کي سزا ڏني وئي، جلاوطن ڪيو ويو ۽ ڪليسائي حقن کان محروم ڪيو ويو.

”هڪ رات الحارث پريشانيءَ سبب سمهي نه سگهيو ۽ دريءَ کان بيهي آسمان کي ڏسي سوچڻ لڳو ۽ دل ۾ چوڻ لڳو. ”هي عجائبات! هي لامحدود فضا ۾ پکڙيل آسماني ستارا! آخر هن عجيب ۽ وڻندڙ جهان کي ڪنهن خلقيو؟ اها ڪهڙي طاقت آهي جيڪا هنن ستارن کي مقرر راهن تي گردش ڪرائي ٿي؟ انهن ڏورانهن سيارن جو اسان سان ڪهڙو تعلق آهي؟ مان ڪير آهيان؟ ۽ هتي ڇو

آهيان؟"

"پوءِ ڪيس منهنجي جلاوطني ياد پئي ۽ پنهنجي سختيءَ تي پڇتايائين. هڪدم مونکي ڳهرائي معافيءَ جي التجا ڪيائين. هڪ خلعت عطا ڪيائين ۽ عوام اڳيان منهنجي هٿ ۾ سوني ڪُنجي ڏني، مونکي پنهنجو صلاحڪار مقرر ڪيائين.

"مونکي پنهنجي جلاوطني وارن سالن لاءِ ڪوبہ رنج ڪونهي، ڇاڪاڻ تہ سچ جو طلبگار جڏهين انسانن اڳيان حق جو آواز بلند ڪندو آهي، تہ لازمي ڪيس تڪليفون سهڻيون پونديون. منهنجي غم، موڙ ۾ انسان ذات جي غم ڪي سمجهڻ جي ساڃاهہ پيدا ڪئي آهي. منهنجي اندر ۾ جا نور جي لاٽ روشن آهي، تنهنڪي نہ سزا جون تڪليفون، ۽ نہ ئي جلاوطني گل ڪري سگهي آهي."

"۽ هاڻي مان تڪجي پيو آهيان."

نجي ڪهاڻي ختم ڪري، مرشد، پنهنجي مريد ڪي، جنهن جو نالو المهتد هو، رخصت ڪيو، ۽ پاڻ پراڻين يادين جي بار کان ٿڪل روح ۽ جان ڪي آرام ڏيڻ خاطر، مٿي حجري ۾ هليو ويو.

## مرشد جي وفات

ٻن هفتن ڌانپوءِ مرشد بيمار ٿي پيو ۽ سندس عقيدتمندن جو هڪ وڏو ميڙ، سندس خانقاهہ تي عيادت لاءِ حاضر ٿيو. جڏهن ميڙ باغ جي در وٽ پهتو تہ انهن، مرشد جي حجره مان هڪ پادري، هڪ راهب، ڊاڪٽر ۽ المهتد کي ٻاهر نڪرندي ڏٺو. پياري مريد پنهنجي مرشد جي وفات جو اعلان ڪيو. ميڙ روئڻ ۽ پٽڻ لڳو پر المهتد نہ رنو ۽ نہ وري ڪو اکر بہ ڳالهايو.

ڪجهہ وقت، مريد، من ۾ سوچيندو رهيو ۽ پوءِ انهيءَ ميجيءَ واري تلاءَ جي پر واري ڇپ تي چڙهيو ۽ چيائين:

"ڀائرو ۽ وطن وارؤ! اجهو هيئنر توهان مرشد جي وصال جي خبر ٻڌي. لبنان جو لافاني پيامبر، ابدي ننڊ جي آغوش ۾ آرامي آهي ۽ سندن رحلت ڪيل روح اسان جي مٿان روح جي جنتن ۾ اڏري رهيو آهي. سندن روح، مادي زندگيءَ جي بار، تڪليفن ۽ جسم جي غلاميءَ کان هميشہ جي لاءِ ڇوٽڪارو حاصل ڪيو آهي.

"مرشد، هن مادي ۽ فاني دنيا کي هميشہ جي ـءِ ڇڏي، عزت ۽ مانَ جي ويس ۾ هڪ اهڙي جهان ڏانهن روانا ٿي ويا آهن جتي نہ سور آهن ۽ نہ سختيون.

پاڻ هاڻي اهڙي جهان ۾ آهن، جتي ڪين نہ اسان جون اکيون ڏسي سگهن ٿيون ۽ نہ ڪن ٻڌي سگهن ٿا. هو روح جي جهان ۾ پهچي چڪا آهن، جتي جي رهواسين کي سندن وڏيڪ ضرورت آهي. هو هاڻي انهيءَ نئين ڪائنات ۾ ڏاهپ جو ذخيرو گڏ ڪري رهيا آهن، جنهن جو تذڪرو ۽ حسن، هميشہ ڪين موهيندو رهيو ۽ جنهن جي ٻولي سکڻ جي ڪين هميشہ ڪوشش رهي.

"هن جهان ۾ سندن زندگي، عظيم ڪارنامن جو هڪ طويل سلسلو هئي. سندن زندگي غور ۽ فڪر واري زندگي هئي، ڇاڪاڻ تہ سندن زندگي مسلسل جدوجهد هئي، جيڪا آرام جي نالي کان بلڪل اڻ واقف هئي. ڪين ڪم سان محبت هئي ۽ جنهن کي پاڻ "عشق مجازي" چوندا هئا.

"سندن روح اجايل هو، جنهن کي بہ اريءَ جي آغوش ڪانسواءِ ٻئي هنڌ آرام نہ ايندو هو. سندن دل، پيار ڪندڙ دل هئي، جيڪا محبت ۽ شفقت سان ڇلڪندي رهندي هئي.

"اهڙي هئي سندن زندگي! جيڪا پاڻ هن ڌرتيءَ تي گذاريائون-

"پاڻ علم جو اهو چشمو هئا جيڪو ابديت جي سيني مان قوهہ ڏئي نڪتو، ڏاهپ جو اهو پاڪ واهڙ هئا، جنهن انساني ذهن کي قوت ۽ تازگي بخشي.

"۽ هاڻي اهو درياهہ پنهنجي ابدي زندگيءَ جي حدن ۾ داخل ٿي چڪو آهي، تنهنڪري ڪوبہ بي عقل، سندن جدايءَ جي ڪري نہ ماتم ڪري ۽ نہ ئي ڳوڙهو ڳاڙي.

"ياد رکو، توهان جن ڳوڙهن ۽ ماتم جي، صرف انهن کي گهرج آهي، جيڪي سدائين "زندگيءَ جي درگاهہ" اڳيان ڏرڻو هئي بيٺا رهيا، ۽ جن ڪڏهن بہ پنهجي پيشانيءَ جي پگهر جو هڪڙو قطرو بہ زمين کي سرسبز ۽ شاداب ڪرڻ لاءِ نہ ڳاڙيو.

"پر جيستائين مرشد سائين جن جو معاملو آهي تہ، ڇا پاڻ پنهنجي سموري زندگي، انسان ذات جي ڀلي لاءِ وقف ڪري نہ ڇڏي هئائون؟ آهي ڪو اوهان مان اهڙو جنهن سندن ڏاهپ جي پاڪ چشمي مان ڍڪڙو نہ پريو هجي؟ ۽ تنهنڪري، جيڪڏهين اوهان سندن عزت ڪرڻ گهرو ٿا تہ پوءِ بجاءِ ماتم ڪرڻ ۽ مرثيہ پڙهڻ جي، سندن رحمت ڪيل روح جي شان ۾ قصيدو پيش ڪيو ۽ شڪرانہ بجا آڻيو.جيڪڏهن اوهان ڪين حقيقي عزت ڏيڻ چاهيو ٿا تہ پوءِ انهيءَ

علم کي پنهنجو ڪيو، جيڪو ڏاهپ جي ڪتابن ۾ پاڻ، دنيا وارن لاءِ ورثي ۾ ڇڏي ويا آهن.

"ڪنهن اڪابر کي بجاءِ ڏيڻ جي، ڪانئس وٺو. اهڙيءَ طرح ئي اوهان سندس عزت افزائي ڪندا. هن جي لاءِ بجاءِ ماتم ڪرڻ جي، خوشيون ملهايو ۽ سندس دانائيءَ جي درياهہ مان جيءُ ڀري ڍڪ ڀريو. اوهان ڪيس اهڙيءَ طرح ئي حقيقي اعزاز ۽ عزت ڏيندا."

مريد جي اهڙي هدايت ٻڌڻ ڪانپوءِ ماڻهو پنهنجن گهرن ڏانهن ايئن موٽيا، جو سندن چپن تي مرڪ ۽ دلين ۾ شڪراني جا گيت هئا.

المهتد هن جهان ۾ اڪيلو رهجي ويو، پر اڪيلائي سندس دل ۾ واسو ڪري نہ سگهي، ڇاڪاڻ تہ سندس مرشد جو آواز، هن جي ڪنن ۾ گونجندو رهيو، ۽ ڪيس همٿائيندو رهيو، تہ پنهنجي ڪمن ۾ مشغول رهہ، ۽ پنهنجي آقا جي پيغام جي، انهن دلين ۾ تخم پاشي ڪر، جيڪي دليون، بنا زور ۽ زير جي ڪيس قبول ڪرڻ لاءِ تيار هجن. هن ڪلاڪن جا ڪلاڪ باغ ۾ اڪيلو ويهي، مرشد کان ورثي ۾ مليل انهن دستاويزن جو نهايت غور سان مطالعو ڪيو، جن ۾ سندس مرشد پنهنجي دانائي ڀريون هدايتون لکيون هيون.

آخرڪار چاليهن ڏينهن جي غور ۽ فڪر ۽ مطالعي ڪانپوءِ المهتد، پنهنجي مرشد جي خانقاهہ ڇڏي، واهڻ، وٿاڻ، وستين ۽ قديم فينيقي شهرن جي سياحت شروع ڪئي.

هڪ ڏينهن هو جيئن بيروت جي بازار مان لنگهي رهيو هو تہ ماڻهن جو هڪ وڏو ميڙ سندس پٺيان لڳو. هو هڪ چوواٽي تي بيٺو ۽ ماڻهو سندس چوڌاري مڙي ويا. ۽ هن ڪين پنهنجي مرشد واري انداز ۾ مخاطب ٿيندي چيو:

"منهنجي دل جو وڻ، ميون سان ڀريل آهي، او بکايلو! اچو ۽ کين چونڊيو. کائو ۽ خوش ٿيو...... اچو ۽ منهنجي دل جي خزاني مان ڪجهہ وٺو ۽ منهنجو بار هلڪو ڪيو. منهنجو روح، سون ۽ چانديءَ جي بار کان ٿڪجي پيو آهي. اچو، او، لڪل خزانن کي تلاش ڪندڙو! اچو ۽ پنهنجون خزينون ڀري منهنجو بار هلڪو ڪريو......!

"منهنجي دل پراڻي شراب سان ڇلڪي رهي آهي. او، اڃايلو! اچو ۽ پي پنهنجي اُڃ اجهايو.

"ڪلهہ مون هڪ شاهوڪار کي عبادت گاهہ جي در وٽ ڏٺو. جنهن جي

مٿين ۾ موتي ۽ جواهر هئا ۽ هو هٿ وڏائي واٽهڙن کي چٽي رهيو هو. "منهن جي حال تي رحم ڪريو. هي جواهر سرن کان وٺو ڇاڪاڻ ته انهن منهن جي روح کي اپاهج ۽ دل کي پٿر بڻائي ڇڏيو آهي. مون تي رحم ڪريو ... ڪين قبول ڪريو ... ۽ مون کي منهنجو آرام ۽ زندگي بخشيو."

"ليڪن واٽهڙن مان ڪنهن به سندس آزي نيزاريءَ تي ڌيان نه ڏريو.

"۽ مون انهيءَ شخص ڏي نهاريو ۽ دل ۾ چيو. "يقينن، هن شخص لاءِ اهو بهتر هو ته هي فقير هجي ها ۽ بيروت جي گهٽين ۾ پنهنجا ڏڪندڙ هٿ وڏائي خيرات گهرندو رهي ها ۽ شام جو جڏهن گهر موٽي ها ته خالي هٿين موٽي ها.

"مون دمشق جي امير پر سخي شيخ کي، عربستان جي صحرا ۾ جبل جي وٽ سان پنهنجن تنبن ۾ به ڏٺو. شام جو هن پنهنجن نوڪرن کي واٽ ويندڙ مسافرن کي وٺي اچڻ لاءِ موڪليو، ته جيئن هو سندس تنبن ۾ ماني کائن ۽ آرام ڪن، پر جابلو پيچرا ويران ۽ سنسان هئا، ۽ نوڪرن ڪنهن به مهمان کي ڪونه آندو.

"مون انهيءَ امير جي بدنصيبيءَ تي غور ڪيو، ۽ منهنجيءَ دل مونکي هينئن چيو: "تحقيق، هن شخص لاءِ اهو بهتر هو ته باڻ بي گهر فقير هجي ها ۽ سندس هٿ ۾ لٺ ۽ ڪلهي ۾ خالي ڪشٽت هجي ها، ۽ منجهند ڌاري شهر جي ڪنڊ پاسي، گند جي ڍيرن جي پرسان پنهنجن ساٿين سان گڏ ويهي کائي ها.

"لبنان ۾ گورنر جي ڌيءَ کي ننڊ مان سجاڳ ٿيندي ۽ نهايت قيمتي لباس پهريندي ڏٺو. سندس وارن ۾ مشڪ ڇٽڪيل هو ۽ سندس جسم معطر هو. هوءَ پنهنجي پيءُ جي محلات واري باغ ۾ آئي ۽ پنهنجي محبوب کي ڳولهڻ لڳي. گاهه تي ڪريل ماڪ جي ڦڙن سندس چوغي کي چميو. پر افسوس، سندس پيءُ جي رعيت مان ڪوبه اهڙو ڪونه هو جيڪو سانس پيار ڪندڙ هجي.

"مان گورنر جي ڌيءَ جي رحم جوڳي حالت تي غور ڪرڻ لڳس ته منهنجي روح، مون کي هينئن چوندي نصيحت ڪئي، "ڇا ايئن بهتر نه ٿئي ها جو هو ڪنهن غريب ڪڙميءَ جي ڌيءَ هجي ها. جيڪا صبح جو پنهنجي پيءُ جي مال کي چراگاهن ۾ وٺي وڃي ها، ۽ شام جو ڪين موٽائي واڙي ۾ وجهي ها ۽ موٽندي مهل رستي جي مٽيءَ ۽ انگورن جي ولين جي خوشبوءِ کي به پنهنجي چوغي ۾ کنيو اچي ها؟ گهٽ ۾ گهٽ پير پير ۾ ڏئي پنهنجي پيءُ جي جهوپڙيءَ مان نڪري سگهي ها ۽ رات جي خاموشيءَ ۾ چپ چاپ پنهنجي محبوب سان ملڻ وڃي ها.

"زندگيءَ جي حقيقت، خود زندگي آهي، جيڪا نہ ماءُ جي پيٽ کان شروع ٿئي ٿي ۽ نہ قبر ۾ ختم ٿئي ٿي، ڇاڪاڻ تہ جيڪي سال گذرن ٿا، سي لافاني زندگيءَ جي بس هڪ گهڙي آهن، ۽ هيءُ مادي جهان ۽ جو ڪجهہ بہ منجهس آهي، سو هڪ خواب آهي، جيڪو انهيءَ سجاڳيءَ سان مشابهت رکي ٿو، جنهن کي اسان موت جي دهشت ڪوٺيون ٿا.

"فضا، اسان جي هر ٽهڪ جو آواز ۽ دل مان نڪرندڙ هر آهہ جي پڙاڏن کي پاڻ سان کڻي ٿي ۽ کين محفوظ رکي ٿي، ۽ اسان جي هر پيار جي آجيان ڪري ٿي، ڇاڪاڻ تہ پيارَ خوشيءَ جو ذريعو آهي.

"فرشتا، هر انهيءَ لڙڪ جو حساب رکن ٿا، جيڪو غم جي باعث وهي ٿو ۽ اسان جي پيار جي خوشيءَ پريل گيتن کي، هن لامحدود فضا ۾ اڏامندڙ روحن جي ڪنن تائين پهچائن ٿا.

"هُتي، هُن جهان ۾ اسان پنهنجن دلين جي جذبات ۽ احساسات کي ڏسي ۽ محسوس ڪري سگهنداسين، ۽ اسان جي اندر ۾ جا الوهيت سمايل آهي ۽ جنهن کي اسان ياس ۽ نااميديءَ جي باعث حقير سمجهون ٿا، تنهنکي سمجهي سگهنداسين.

"اُهو عمل، جنهنکي اڄ اسان پنهنجي خطا جي باعث "ڪمزوري" چئون ٿا، سو صبحاڻي، انسان جي ڪامل بڻجڻ لاءِ هڪ نهايت اهم جزو ثابت ٿيندو.

"اُهي تڪليف ڏيندڙ مشقتون، جن جي عوض اسان کي ڪوبہ معاوضو ڪونہ ٿو ملي، سي اسان سان رهنديون ۽ آب و تاب سان چمڪنديون ۽ اسان جي عظمت جو اعلان ڪنديون، ۽ جيڪي سختيون اسان سٺيون آهن، سي اسان جي سرن تي شان ۽ شوڪت جو تاج بڻبيون......"

اهي لفظ ڳالهائي، جڏهن هو ميڙ کان ڌار ٿيڻ وارو هو، ۽ ڏينهن جي ٿڪاوٽ کانپوءِ آرام ڪرڻ وارو هو، تہ هن هڪ نوجوان کي، هڪ سهڻي ناريءَ ڏانهن تعجب ڀريل نيڻن سان نهاريندي ڏٺو.

۽ مريد هُن سان هيئن مخاطب ٿيو:

"ڇا تون انسانن جي مختلف مذهبن ۽ اعتقادن کي ڏسي پريشان آهين؟ ڇا تون متضاد مذاهب ۽ اعتقادن جي ماٿري ۾ منجهي پيو آهين؟ ڇا تون ايئن ٿو سمجهين تہ ڪفر جي ڇڙواڳي ۽ آزادي، اطاعت ۽ فرمانبرداري جي غلاميءَ کان گهٽ تڪليف ڏيندڙ آهي ۽ انڪار جي خودمختياري، رضامنديءَ جي قلعي کان

ڇا توﻥ اهڙو مڙس آهين، جو پنهجن غلطين کي ته جائز سمجهين ٿو پر پنهنجي زال جي غلطين کي ناجائز؟ جيڪڏهين ها ته پوء توﻥ انهن وحشين مان آهين. جيڪي غارن ۾ رهندا هئا ۽ پنهنجي اوگهڙ کي کلن سان ڍڪيندا هئا.

يا ڇا توﻥ هڪ وفادار ساٿي آهين ۽ تنهنجي زال هردم تنهنجي پاسي ۾ پنهنجن خيالن، ڏکن ۽ سکن ۾ شريڪ آهي؟ جيڪڏهين ها ته پوء توﻥ انهن مان آهين جيڪي سويروئي قوم جي رهبري عقل، ڏاهپ ۽ انصاف ڏانهن ڪن ٿا.

ڇا توﻥ ليکڪ آهين ۽ پنهنجو ڳاٽ عام ماڻهن کان مٿي جهلين ٿو پر تنهنجو ذهن ماضيء جي انهن غارن ۾ رهي ٿو جيڪي زمانن جي بيڪار ۽ اڇلايل ڪن ڪچري سان ڀريل آهن؟ جيڪڏين ها ته پوء توﻥ هڪ گندي تلاء مثل آهين.

يا ڇا توﻥ هڪ مفڪر آهين ۽ پنهنجي اندر جي ڇنڊ ڇاڻ ڪري بيڪار، خراب ۽ بيهوده شيئن کي ته ڦٽو ڪرين ٿو ۽ ڪارآمد ۽ سٺين شيئن کي محفوظ رکين ٿو؟ جيڪڏهين ها ته پوء توﻥ بکايلن لاء "من وسلويٰ" ۽ اڃايلن لاء شفاف ۽ ٿڌي پاڻيء مثل آهين.

ڇا توﻥ ڪو بکواسي شاعر آهين؟ جيڪڏهين ها ته پوء توﻥ انهن عطائين مان هڪ آهين جيڪي جڏهين روئن ٿا ته اسان کلون ٿا ۽ جڏهين کلن ٿا ته اسان روئون ٿا.

يا ڇا توﻥ انهن بزرگن مان آهين، جن جي هٿن ۾ الله سارنگي ڏني آهي ته جيئن هو ان جي موسيقي سان روح کي راحت بخشين ۽ انسان ذات کي "زندگي" ۽ "زندگيء جي حسن" جي قريب آڻن؟ جيڪڏهين ها ته پوء توﻥ هڪ شمع آهين جا اسان جي رستي کي روشن ٿي ڪري... اسان جي دلين ۾ هڪ مٺڙي تمنا آهين ۽ اسان جي خوابن ۾ الوهيت جي وحي آهين.

اهڙيء طرح انسان ذات ٻن ڌار ڌار گروهن ۾ ورهايل آهي. هڪ گروهه ۾ جهڪيل ڪمر وارا پوڙها آهن جيڪي جڏهن لٺ جي سهاري زندگيء جي راهه تي هلن ٿا ته ائين سهڪن ٿا جو ڄڻ ته جبل جي چوٽيء تي چڙهي رهيا هجن. درحقيقت هو اونهين غارن ۾ لهي رهيا آهن.

۽ ٻئي گروهه ۾ نوجوان آهن جيڪي ائين ڊوڙندا رهن ٿا جو ڄڻ ته سندن پيرن ۾ پر لڳل آهن. ائين ڳائيندا رهن ٿا جو ڄڻ ته سندن نڙين ۾ چانديء جون سنهڙيون تارون هجن. ۽ جبل جي چوٽين تي ائين چڙهن ٿا جو ڄڻ ته ڪنهن طلسمي قوت جي اثر ڏانهن ڇڪجي رهيا هجن.

منهنجا پائرو! انهن پنهي جلوسن مان توهان جو ڪهڙي جلوس سان تعلق آهي؟ جڏهين رات جي خاموشين ۾ اڪيلا هجو تڏهين پاڻ ڪان هيءَ سوال پڇجو: فيصلو پاڻ ڪجو تہ توهان جو تعلق ماضيءَ جي غلامن سان آهي يا مستقبل جي آزادي پسندن سان؟"

المهتد پوءِ خانقاهہ ۾ موٽي آيو ۽ ڪيترائي مهينا اڪيلائيءَ ۾ انهن ڏاهپ ۽ حڪمت جي اقوال تي غور ڪندو رهيو. جيڪي سندس مرشد انهن ڪتابن ۾ لکيا هئا جن کي سندس ورثي ۾ ڇڏي ويو هو. هن گهڻو ڪجهہ پرايو هو. پر ڪيترا اهڙا بہ نقطہ هئا جيڪي هن اڳ ڪڏهين نہ سکيا هئا ۽ نہ انهن کي مرشد کان پڌو هئائين. هن پڪو ارادو ڪيو تہ ايستائين خانقاهہ نہ ڇڏيندس، جيستائين جو ڪجهہ مرشد ڇڏيو، آهي تنهنکي چڱي طرح نہ پڙهندس ۽ ياد نہ ڪندس تہ جيئن پوءِ وطن وارن کي اهو نياپو پهچايان. اهڙي طرح المهتد، مرشد جي تصنيفات کي پڙهڻ ۾ اهڙو تہ محو ۽ مشغول ٿي ويو جو پاڻ کي تہ ڇا پر انهن کي بہ جن ڪيس بيروت جي بازارين ۾ پڌو، تن کي بہ وساري ڇڏيائين. سندس شيدائين هيءَ حالت ڏسي سائنس ملاقات جون ڪوششون ڪيون پر سڀ ناڪام رهيون. حالانڪ لبنان جي حاڪم بہ ڪيس رياست جي ڪامورن کي خطاب ڪرڻ لاءِ چوايو، جنهن کي هن هيئڻ چئي جواب موڪليو: "جلدئي مان اوهان وٽ هڪ خاص پيغام کڻي ايندس جيڪو سيني لاءِ هوندو."

حاڪم فرمان جاري ڪيو تہ جنهن ڏينهن المهتد اچي، تنهن ڏينهن هر شهري سندس آجيان ۾ گهرن، ديولين، مسجدن، عبادت گاهن ۽ درسگاهن کي سينگارن ۽ ڪيس احترام سان پڌن، ڇاڪاڻ تہ سندس نياپو هڪ پيامبر جو ڪلام آهي.

جنهن ڏينهن المهتد خانقاهہ ڇڏي، تنهن ڏينهن خوشيون ملهايون ويون.

المهتد نهايت آزاديءَ سان ڳالهايو. هن محبت ۽ پائيچاري جي تبليغ ڪئي ۽ ڪيس ڪليسائي حقن کان محروم ڪرڻ يا جلاوطن ڪرڻ جي دڙڪي ڏيڻ جي ڪنهن کي بہ همت نہ ٿي. هيءَ مرشد جي حال جي ڪيترو نہ برعڪس هو! جنهنجي زندگيءَ جو ڪجهہ حصو ڪليسائي حقن کان محروميت ۽ جلاوطنيءَ ۾ گذريو.

المهتد جو پيغام سڄي لبنان پڌو، تنهن کانپوءِ انهيءَ کي خطن جي صورت ۾ هڪ ڪتاب ۾ ڇپائي قديم فينيقي شهرن ۽ عربي دنيا ۾ ورهايو ويو. ڪي خط تہ خود مرشد جي اصل لفظن ۾ آهن ۽ ڪي مرشد ۽ مريد، ڏاهپ ۽ حڪمت جي قديم ڪتابن مان انتخاب ڪيا هئا.

# مرشد جو نياپو

## زندگيءَ متعلق

زندگي، اڪيلائيءَ جي سمنڊ ۾ هڪ ٻيٽ آهي. هڪ اهڙو ٻيٽ جنهن جا جبل، اميدون، جنهنجا وڻ، خواب، جنهن جا گل ٻوٽا، اڪيلائي - ۽ جنهن جون نهرون، اُڃ آهن.

منهنجا عزيزو! توهان جي زندگي هڪ اهڙو ٻيٽ آهي جيڪو ٻين ٻيٽن ۽ حصن کان بلڪل جدا آهي. چاهي ڪيترائي جهاز توهان جي ڪنارن کان ٻين ملڪن ڏانهن وڃن ٿا، ۽ ڪيترائي ٻيڙا توهان جي ڪنارن تي لنگر هڻن پوءِ به توهان هڪ سنسان ٻيٽ رهندا ۽ اڪيلائي جون نشترون کائيندا ۽ اميد لاءِ واجهائيندا رهندا. توهان ٻاڻ جهڙن انسانن لاءِ اجنبي ۽ سندن همدردي ۽ دوستيءَ کان ڪوهين ڏور آهيو.

منهنجا ڀاءُ! مون توکي سونَ جي ڍير تي، پنهنجي شاهوڪاري تي، خوشيون ملهائيندي ۽ پنهنجن خزانن تي گهمنڊ ڪندي انهيءَ خيالن ۾ بي فڪر ڏٺو ته سونَ جي هرهڪ مٺ جا تو گڏ ڪئي آهي سا تنهنجن خواهشن ۽ خيالن کي ٻين ماڻهن جي خواهشن ۽ خيالن سان ملائڻ جو هڪ لڪل ناتو آهي.

ڪري نہ سگهندا. جيڪڏهين اهو ڪنهن صحرا ۾ آهي تہ تون ڪيس ڪنهن ٻئي شخص جي باغ ۾، جنهن ڪي هن پوکيو ۽ لڳايو، منتقل ڪري نہ ٿو سگهين. جيڪڏهين اهو ڪنهن جبل جي چوٽيءَ تي آهي تہ تون ڪيس اهڙي ماتريءَ ۾ منتقل ڪري نہ ٿو سگهين جنهن تي ٻئي جو قبضو آهي.

منهنجا ياءُ! تنهنجي روح جي زندگي اڪيلائي ۾ وڪوڙيل آهي- ۽ جيڪڏهين اها اڪيلائي نہ هجي ها تہ تون "تون" نہ هجين ها ۽ مان "مان" نہ هجان ها. جيڪڏهين اها اڪيلائي نہ هجي ها تہ تنهنجو آواز ٻڌي مان ڪيئن يقين ڪيان ها تہ اهو مان ئي ڳالهائي رهيو آهيان، يا تنهنجي صورت ڏسي ڪيئن يقين ڪيان ها تہ اهو مان ئي آهيان جو آئيني ۾ ڏسي رهيو آهيان.

## ٢

# انساني قانون جي شهيدن متعلق

ڇا تون انهن مان آهين جيڪي غم جي هندوري ۾ ڇاوا آهن ۽ بدبختين جي هنج ۽ ظلم جي گهر ۾ پليا آهن؟

ڇا تون اهڙا سڪل ٽڪر کائين ٿو جيڪي ڳوڙهن ۾ پنل آهن؟

ڇا تون اهڙو گدلو پاڻي پئين ٿو جنهن ۾ ڳوڙها ۽ رت مليل آهن؟

ڇا تون سپاهي آهين ۽ انساني قانون ڪان مجبور پنهنجي زال ۽ اولاد ڇڏي "هوس" خاطر، جنهنکي تنهنجا ليڊر "فرض" جي نالي سان سڏن ٿا، جنگ جي ميدان ۾ وڃين ٿو؟

ڇا تون زندگيءَ جي چند پورن تي قناعت ڪندڙ شاعر آهين جيڪو ڪاغذ جي ٽڪري ۽ مس ڪپڙي جي املاڪ تي خوش ۽ پنهنجي ديس ۾ عارضي قيام ڪندڙ مسافر ۽ انسانن ۾ اجنبي آهين؟

ڇا تون قيدي آهين جيڪو معمولي ڏوهه جي عيوض قيد خاني جي ڪال ڪوٺڙين ۾ قيد ڪيو ويو آهين، جتي تنهنجا گرفتار ڪندڙ خرابيءَ سان ئي انسان جي اصلاح ڪرڻ چاهين ٿا؟

ڇا تون هڪ نوجوان ڇوڪري آهين، جنهنکي الله تعاليٰ حسن ته عطا ڪيو پر هڪ شاهوڪار ڪيس پنهنجي شهوت پرستيءَ جو شڪار بڻايو ۽ ڍوڪن سان تنهنجو جسم ته خريد ڪري سگهيو پر تنهنجي دل خريد ڪري نه سگهيو ۽ توکي تباهي ۽ بربادي‍ءَ ۾ مبتلا ڪري ڇڏي ڏنو؟

جيڪڏهن توهان انهن مان هڪ آهيو ته پوءِ يقيناً توهان انساني قانون جا شهيد آهيو ۽ توهان جي بدبختي طاقتور جي بي انصافي، ظالم جي ظلم، شاهوڪار جي وحشانيت ۽ ڪميڻي شهوت پرست جي هوس جو شڪار ۽ ثمر آهيو.

منهنجا پيارا غريب ساٿيو! دلجاءِ ڪريو، هن جهان ۾ ۽ هن جهان کان مٿي هڪ تمام وڏي قوت آهي- هڪ اهڙي قوت جيڪا سراسر انصاف، رحم، شفقت ۽ محبت آهي.

توهان انهيءَ گل مثل آهيو جو ڇانوري ۾ ڦٽي ٿو پر جلدئي هير گهلندي جيڪا توهان جي ٻجن کي سج جي روشنيءَ ۾ کڻي ويندي، جتي توهان وري حسن ۽ تازگيءَ سان ڦٽندا.

توهان انهيءَ ٽرڙ وڻ مثل آهيو، جيڪو سياري جي برفباريءَ جي بار کان جهڪيل آهي، پر جلدئي بهار ايندو ۽ پنهنجي سائي چادر توهان مٿان وجهدو ۽ صداقت توهان جي انهيءَ ڳوڙهن جي نقاب کي چاڪ ڪندي جنهن توهان جي مرڪن کي لڪائي رکيو آهي.

مصيبت جا ماريل منهنجا ڀائرو! توهان منهنجا ئي آهيو، منهنجو توهان سان ئي پيار آهي ۽ مان توهان تي ظلم ڪندڙ کي حقير سمجهان ٿو.

٣

# حقيقت ۽ خيال

زندگي اسان کي هڪ جڳهه کان ٻي جڳهه ۾، ۽ تقدير هڪ دائري کان ٻئي دائري ۾ وٺي وڃي ٿي ۽ اسان انهن ٻن متضاد قوتن ۾ گرفتار سواءِ اسان انهيءَ آواز جي، جيڪو اسان کي ڏڪائي ڇڏي ٿو، ٻيو ڪجهه به نه ٿا ٻڌون، ۽ سواءِ انهيءَ شيءِ جي، جيڪا اسان جي راهه ۾ رڪاوٽ بڻجي بيهي ٿي، ٻيو ڪجهه به نه ٿا ڏسون.

حسن پنهنجي عظمت ۽ بزرگي جي تخت تي اسان لاءِ ٻه، نقاب ٿو ٿئي، پر اسان عشق جي آڙ ۾ سندس دامن کي داغدار ڪيون ٿا ۽ سندس مٿي تان پاڪيزگيءَ جو تاج لاهي وٺون ٿا.

محبت بردباريءَ جو لباس ڍڪي اسان جي پرسان لنگهي ٿي ته اسان ڊپ ۾ ڪانئس ڀڄون ٿا، ۽ اونداهي غارن ۾ وڃي لڪون ٿا يا سندس پويان پويان سندس آڙ ۾ بدڪاري ڪريون ٿا. جيتوڻيڪ اسان مان نهايت عقلمند به محبت کي هڪ ڳورو بار سمجهي جهڪي پوي ٿو، پر سچ پچ هوءَ ته اهڙي هلڪي آهي جهڙي لبنان جي خوشبودار هير.

آزادي اسان کي پنهنجي دسترخوان ڏانهن سڏي ٿي، ته جيئن اسان سندس لذيذ کاڌو کائي ۽ ٿڌڙ شراب پي خوش ٿيون. پر جڏهن اسان سندس دسترخوان تي ويهون ٿا ته جانورن وانگر کائي پي نڙيءَ تائين پيٽ ڀريون ٿا!

۴

# پهرين نظر متعلق

هيءَ اها گهڙي آهي جا زندگيءَ جي مدهوشيءَ کي سجاڳيءَ کان ڌار ڪري ٿي. هيءَ پهرين چڻنگ آهي، جيڪا دل جي دنيا ۾ روشني ڪري ٿي. هيءَ دل جي سونهري تارن تي پهريون طلسمي ڇمڪو آهي.هيءَ اها مختصر گهڙي آهي جيڪا روح جي اڳيان، گذريل زماني جا دفتر کولي ٿي، سندس نظر اڳيان رات جا اعمال ۽ ضمير جا ڪارناما واضح ڪري ٿي، ۽ مستقبل جي دائمي زندگيءَ جا راز فاش ڪري ٿي. هي اهو ٻج آهي، جنهنکي محبت جي ديوي، عشروت ڇٽي ٿي ۽ محبوب جون اکيون محبت جي ميدان ۾ پوکن ٿيون، جذبات سندس پالنا ڪن ٿا ۽ روح سندس ميوه کائي ٿو.

محبوبہ جي پهرين نظر انهيءَ روح سان مشابهت رکي ٿي جيڪو اٿاهہ سمنڊ جي مٿاڇري مٿان ترندڙ هو ۽ جنهن مان زمين ۽ آسمان پيدا ٿيا.

محبوبہ جي پهرين نظر خدا جي قول ” ڪُنْ“ مثل آهي.

# ڀهرين چُمي

هي انهيءَ پيالي مان ڀهريون ڏک آهي جنهنکي محبت جي ديوي، زندگيءَ جي جوهر سان ڀريو. هي شڪ، جيڪو ضمير کي گمراهہ بڻائي دل کي غمگين ڪريٿو، ۽ يقين، جيڪو دل جي خلائن کي ڀرَ ڪري کيس خوشي بخشي ٿو، جي وچ ۾ هڪ حد آهي. هيءَ روحاني زندگي جي قصيدي جو ٽلهہ ۽ ڪامل انسان جي زندگيءَ جي داستان جو ڀهريون باب آهي. هيءَ اهو ناتو آهي جيڪو ماضي جي انڌيري کي مستقبل جي روشنيءَ سان ڳنڍي ٿو ۽ احساسات جي خاموشين کي سندن نغمن سا ملائي ٿو. هيءَ چڱن چپن مان نڪتل اهو لفظ آهي جيڪو دل کي تخت، محبت کي بادشاهہ وفا کي تاج چوڻ جو اعلان ڪري ٿو. هيءَ گلاب جي چپن تي هير جي نجات جو هڪ طويل ساهہ هڪ منڙي آهہ ۽ سندس نازڪ آگرين جو پيار ڀريو دٻاءُ آهي. هيءَ انهيءَ طلسم جو آغاز آهي، جيڪو ٻن پيار ڪندڙن کي هن خاڪي جهان مان ڪڍي خوابن جي دنيا ۾ وٺي وڃي ٿو.

هي ٻن خوشبودار گلن جو ميلاپ ۽ سندن سرهاڻ جي ڳانڍاپي سا ٽئين وجود جي تخليق جي شروعات آهي.

جهڙيءَ طرح "ڀهرين نظر" انهيءَ ٻج مثل آهي، جنهنکي محبت جي ديوي انسان جي دل جي زمين ۾ پوکي ٿي، تهڙيءَ طرح "ڀهرين چُمي" بہ زندگي جي وڻ جي ٽاريءَ تي ڀهرين گل مثل آهي.

# شادي متعلق

هتي محبت، رات جي موسيقي تي، زندگيءَ جي نثر کي، ڏينهن جو، سُرَ ۽ لئي سان ڳائڻ لاءِ نظم ۽ نغمي ۾ منتقل ڪرڻ جي شروعات ڪري ٿي. هتي محبت جي آرزو بي نقاب ٿئي ٿي ۽ دل جي اونداهين ۾ اهڙي روشني ڪري ٿي، جنهنجي خوشي، سواءِ انهيءَ خوشيءَ جي، جيڪا روح کي پنهنجي رب سان بغلگير ٿيڻ وقت ٿيندي آهي، ٻي ڪابه خوشي وڏيڪ بهتر ۽ افضل نہ آهي.

شادي، زمين تي هڪ ٽين الوهيت جي وجود لاءِ ٻن الوهيتن جو ميلاپ آهي. هيءَ جدائي جي خاتمي لاءِ ٻن روحن جي مضبوط محبت جو اتحاد آهي. هي اهوئي اعليٰ اتحاد آهي جيڪو ٻن روحن ۾ ڌار ڌار اتحادن‌جي ڇٽنگ ٻاري ٿو. هي انهيءَ زنجير جي سوني ڪڙي آهي، جنهنجو سرو نگاهہ ۽ پڇڙي ”سرمديت“ آهي. هي پاڪ آسمان مان فطرت جي پاڪ زمين تي شفاف بادلن جي برسات آهي تہ جيئن ٻنين جون مبارڪ قوتون اُسرن.

جهڙيءَ طرح محبوبہ جي اکڙين جي ”پهرين نظر“ انهيءَ ٻج مثل آهي جنهنکي محبت جي ديوي، انسان جي دل جي زمين ۾ پوکي ٿي ۽ سندس چپن جي ”پهرين چمي“ انهيءَ گل مثل آهي، جيڪو زندگيءَ جي وڻ جي ٽاريءَ تي ٽڙي ٿو، تهڙيءَ طرح ٻن محبت ڪندڙن جي شادي، انهيءَ پهرين ٻج جي پهرين گل جو پهريون ڦل آهي.

٣

# انسان جي الوهيت متعلق

بهار آيو ۽ قدرت نهرن جي زباني ڳالهائڻ ۽ دل کي فرحت بخشڻ لڳي ۽ گلن جي چپن سا مرڪي روح کي ر ت ڏيڻ لڳي، پر اوچتو قدرت کي ڪاوڙ آئي ۽ حسين شهر کي ويران ڪري ڇڏيائين ۽ انسان سندس مُرڪ، سندس مِٺاس ۽ سندس مهرباني کي وساري ڇڏيو. خوفناڪ انڌي قوت اهو سڀ ڪجهہ گهڙيءَ ۾ فنا ڪري ڇڏيو، جنهن جي تعمير ۾ سوين صديون لڳيون هيون. ظالم موت، انسان خواهہ حيوان کي پنهنجي فولادي چنبن ۾ نهايت سنگدليءَ سان چياياٽي ماري ڇڏيو.

خطرناڪ باهہ، انسان ۽ سندس رزق کي چٽ ڪري ڇڏيو، ۽ اونداهي رات، زندگيءَ جي حسن کي خاڪ جي ڍيرن ۾ دٻائي ڇڏيو. ڀيانڪ عناصر پنهنجي پنهنجي جاءِ تان اٿيا ۽ ڪمزور انسان کي موت جي حوالي ڪري ڇڏيو، سندس گهرن کي مٽيءَ جو ڍير بڻائي ڇڏيو ۽ سندس صنعت کي برباد ڪري ڇڏيو.

تباهي ۽ بربادي مچائيندڙ زلزلن جي ڀيانڪ گجگوڙن ۾ گهيريل، سورن ۽ سختين ۽ آفتن ۾ ڦاٿل ويچارو روح، هيءَ سڀ ڪجهہ ڏسندو رهيو ۽ الله جي اڳيان انسان جي ڪمزوري ۽ عاجزي تي غور ڪندو رهيو.

هو انسان جي انهن دشمنن تي غور ڪندو رهيو. جيڪي زمين جي گهرن تهن ۾ لڪل ۽ ايٽم جي ذرڙن ۾ پوشيده آهن. هو مائرن جي ماتم ۽ بکايل ٻارڙن جي دانهن تي پاڻ بہ غم ڪندو رهيو. هو عناصر جي سنگدلي ۽ انسان جي ڪمزوري تي سوچيندو رهيو ۽ ڪيس ياد پيو تہ ڪلهوڪو ڏينهن ڪيئن نہ انسان پنهنجي گهرن ۾ آرام سان ستل هو پر اڄ هو بي گهر آهن ۽ پنهنجي خوبصورت شهر تي پري ڪان ماتم ڪري رهيا هئا تہ سندن اميد، نااميدي ۾، سندن خوشي غم ۾، ۽ سندن زندگي جي راحت ۽ امن، عذاب ۾ بدلجي چڪو هو. هو ڏکن، سورن ۽ نااميدن جي فولادي چنبن ۾ گرفتار انسان جي حال تي غم کائيندو رهيو.

۽ روح اهڙيءَ طرح غور ۽ فڪر، رنج ۽ الم جي حالت ۾ ويٺو رهيو ۽ قانون الاهي تي شڪ ڪندو رهيو، جيڪو دنيا جي سمورين طاقتن تي قابض آهي پر پوءِ خاموشيءَ جي ڪَنَ ۾ آهستي چيائين، "هن ڪائنات جي پويان هڪ ابدي حڪمت آهي، جيڪا تباهي ۽ بربادي تہ آڻي ٿي، پر پوءِ بي مثال حسن ۽ خوبصورتي بہ آڻيندي آهي."

باهيون، زلزلا ۽ طوفان زمين لاءِ ايئن آهن جيئن انسان جي دل لاءِ نفرت، حسد ۽ گناهہ. جنهن وقت مصيبت ماريل قوم جو روح راڙو ۽ ماتم آپ ڏاري رهيو هو، تنهن وقت منهنجي حافظي ۾ يادگيري، انهن سمورين تباهين بربادين ۽ مصيبتن جي تصوير کي تازو ڪيو، جيڪي وقت جي اسٽيج تي ڪيڏيون ويون هيون.

مون انسان کي هر دؤر ۾ زمين جي سيني تي قلعا، محل، شهر ۽ عبادتگاهہ تعمير ڪندي ڏٺو، پر پوءِ مون ڏٺو تہ زمين کي جوش آيو ۽ ڪاوڙ لڳي ۽ کين پنهنجي سيني ۾ واپس سموئي ڇڏيو.

مون طاقتورن کي مضبوط قلعا تعمير ڪندي ۽ مصورن کي ديوارون تصويرن سان سينگاريندي ڏٺو، تنهنڪانپوءِ مون ڏٺو تہ زمين پنهنجو وات ڦاڙيو ۽ انهن سيني شئين کي ڳهي وئي، جن کي ذهين انسانن جي دماغ ۽ فنڪارن جي هٿن ناهيو هو.

۽ مون کي پتو پيو تہ زمين انهيءَ حسين ڪنوار مثل آهي، جنهن کي پنهنجي حسن جي زينت وڌائڻ لاءِ، انساني هٿ جي ٺاهيل زيورن جي گهرج ڪانهي پر جيڪا پنهنجي ميدانن جي ساوڪ، پنهنجي سامونڊي ڪنارن جي سونهري ريت ۽ پنهنجي جبلن جي قيمتي پٿرن تي خوش آهي.

پر خوفناڪ آفتن، تباهين ۽ بربادين جي وچ ۾ مون انسان کي سندس "الوهيت" ۾ هڪ ديو مثل بيٺل ڏٺو، جيڪو زمين جي ڪاوڙ ۽ عناصر جي غصي تي کلي رهيو هو.

مون انسان کي بابل، نينوا، پلميرا ۽ پامپي جي ڪنڊرن ۾ هڪ روشن مينار وانگر بيٺل ڏٺو، جيڪو ابديت جو هيءُ گيت ڳائي رهيو هو.

"زمين پل اهو سڀ ڪجهه کڻي
جيڪو سندس حصو آهي،
پر مون انسان کي ڪا انتها ڪانهي."

٦

# عقل ۽ علم متعلق

جڏهن عقل اوهان سان ڳالهائي تڏهن جو ڪجهہ هو چوي، تنهنڪي جيڪڏهن چڱي طرح ٻڌندا تہ توهان کي فائدو رسندو، سندس چوڻ تي جيڪڏهن عمل ڪندا تہ هر خطري کي چڱي طرح منهن ڏئي سگهندا. ڇاڪاڻ تہ الله تعاليٰ اوهان کي عقل کان وڌيڪ بهتر، ڪو ٻيو رهنما ۽ طاقتور ساٿي ڪونہ عطا فرمايو آهي.

جڏهن اوهان جو عقل اوهانجي ضمير سا ڳالهائي ٿو، تڏهن اوهان پنهنجن خواهشن خلاف هڪ ڍال ٻڻجي وڃو ٿا ڇاڪاڻ تہ عقل هڪ ڏاهو وزير، وفادار رهنما ۽ سياڻو صلاحڪار آهي. جهڙيءَ طرح ڪاوڙ روشني ۾ اونداهي آهي، تهڙيءَ طرح عقل وري اونداهي ۾ روشني آهي، تنهنڪري جذبات کان بهتر عقل کي پنهنجو رهنما ٺاهيو.

پر ياد رکو تہ عقل، علم جي ساٿ کانسواءِ معذور آهي، پوءِ ڪٿي هو اوهان سان گڏ ڇو نہ هجي.

علم کانسواءِ عقل ائين آهي جيئن بي گهر غربت- ۽ عقل کانسواءِ علم ائين آهي جيئن بي واهو گهر، جنهن ۾ عقل کانسواءِ محبت، انصاف ۽ نيڪي بہ ڪنهن ڪم جا نہ آهن.

اهو عالم جنهن کي عقل نہ آهي سو انهيءَ سپاهيءَ مثل آهي جيڪو بي هٿيار جنگ جي ميدان ۾ ڪاهي پوي. هن جي ڪاوڙ سچي گهرائي جي خوشيءَ ڀري زندگيءَ کي غم ۾ مبتلا ڪري ڇڏيندي، ۽ سندس وجود مٽي ۽ صاف پاڻيءَ جي مٽَ ۾ هڪ ايريٽي جي داڻي مثل هوندو.

عقل ۽ علم جو تعلق جسم ۽ روح جي تعلق جهڙو آهي. جسم ڪانسواءِ روح هڪ خالي هوا ڪانسواءِ ٻيو ڪجهہ نہ آهي، ۽ روح ڪانسواءِ جسم هڪ بيڪار بوتو آهي.

علم ڪانسواءِ عقل ائين آهي جيئن غيرآباد ٻني يا نٻل انساني جسم.

عقل بازار ۾ وڪامندڙ شئين مثل نہ آهي جيڪي جڏهن گهٽيون ٿين تڏهن سندن اگهہ ڪري پون، پر جيئن عقل جي گهٽائي ٿئي، تيئن سندس فضيلت وڌي. جيڪڏهن عقل بازار ۾ وڪامي ها، تہ فقط عقلمندئي سندس صحيح قدر ڪري سگهن ها.

جاهل کي سواءِ جهالت جي، ۽ چرئي کي سواءِ چرياٽپ جي، ٻيو ڪجهہ بہ نظر نہ ٿو اچي. ڪلهہ مون هڪ جاهل کي چيو تہ اسان کي جاهل تہ ڳڻي ٻڌاءِ! هو ڪليو ۽ چيائين، "هيءَ نهايت مشڪل ڪم آهي ۽ هن ۾ ڪافي وقت لڳندو. ڇا اهو بهتر نہ ٿيندو جو فقط سياڻن کي ڳڻيو وڃي؟"

پنهنجي حقيقت کي سمجهو تہ ڪڏهن بہ فنا نہ ٿيندا. عقل اوهان لاءِ صداقت جو روشن مينار ۽ روشني آهي. عقل زندگيءَ جو ذريعو آهي. الله تعاليٰ اوهان کي عقل انهيءَ لاءِ ڏنو آهي تہ جيئن اوهان انهيءَ جي روشنيءَ ۾ سندس بندگي ڪريو، ۽ پاڻ ۾ جيڪي خوبيون ۽ خاميون آهن تن کي بہ ڏسو.

جيڪڏهن اوهان پنهنجي اک ۾ مٽيءَ جي ذرڙي کي محسوس ڪري نہ سگهندا، تہ پوءِ پڪ سان اوهان ڪيس پنهنجي پاڙيسريءَ جي اک ۾ بہ نہ ڏسي سگهندا.

هر روز پنهنجي اندر ۾ نهاريو ۽ پنهنجن غلطين کي دُرست ڪريو، ۽ جيڪڏهين توهان هن فرض ۾ ڪوتاهي ڪئي، تہ پوءِ ڄڻ اوهان عقل ۽ علم سان، جيڪو اوهان جي اندر ۾ سمايل آهي، تنهن سان بيوفائي ڪئي.

پاڻ تي اهڙي ڪرڙي نظر رکو جو ڄڻ تہ توهان خود پنهنجا دشمن آهيو. ڇاڪاڻ تہ توهان ايستائين پاڻ تي ضابطو رکي نہ سگهندا، جيستائين پهريان

پنهنجن جذبات تي قبضو ڪرڻ ۾ پنهنجي ضمير جي حڪمن کي مڃڻ نہ سگهندا.

مون هڪ دفعو هڪ عالم کي چوندي ٻڌو تہ، سواءِ بيوقوفيءَ جي ٻي هر برائيءَ جو علاج آهي. ڪنهن نِسوري بيوقوف کي تنبيهہ ڪرڻ يا ڪنهن جاهل کي هدايت ڪرڻ پاڻيءَ تي لڪڻ برابر آهي. مسيح بہ انڌن، منڊن، اپاهجن ۽ ڪوڙهين کي تہ چڱو ڀلو ڪري سگهيو، پر ڪنهن بہ بيوقوف کي سياڻو ڪري نہ سگهيو.

هر سوال کي، هر طرف کان جاچيو ۽ پرکيو، ۽ پڪ ڄاڻو تہ توهان کي خبر پئجي ويندي تہ منجهس ڪهڙي خامي آهي.

جيڪڏهن ڏسو تہ توهان جي نظر جو صدر دروازو وڏو آهي، تہ پوءِ پويون دروازو بہ ننڍو نہ رکو.

موقعو لنگهي وڃڻ کانپوءِ جيڪو ڪيس هٿ ڪرڻ جي ڪوشش ڪري ٿو، سو انهيءَ مثل آهي، جو موقعو ايندي ڏسي، پر ڪيس حاصل ڪرڻ لاءِ اڳتي نہ وڌي.

الله تعاليٰ جي اها مرضي نہ آهي تہ توهان گناهہ ڪيو. هو تہ توهان کي عقل ۽ علم عطا ڪري ٿو، تہ جيئن توهان گمراهي ۽ تباهي جي غارن ۾ ڪرڻ کان پاڻ کي هوشيار رکو.

تحقيق، رب انهن تي پنهنجو ڪرم ڪيو، جن کي عقل جو تحفو عنايت فرمايو.

## ٧

# موسيقي متعلق

جنهن کي منهنجي دل پيار ڪري ٿي تنهن جي ير ۾ ويهي سندس ڳالهائڻ ٻڌڻ لڳس. منهنجو روح لامحدود فضا ۾ سئر ڪرڻ لڳو، جتي دنيا هڪ خواب مثل، ۽ جسم هڪ تنگ قيد خانہ مثل نظر آيو.

منهنجي محبوبہ جو جادو ڀريو آواز منهنجي دل ۾ سمائجي ويو.

منهنجا دوستو! هيءُ آواز موسيقي آهي، جنهن کي مون پنهنجي محبوبہ جي چپن مان ٿڌن ساهن سان گڏ ٻڌو، ۽ ٻڌڻ وارين اکين سان مون پنهنجي محبوبہ جي دل کي ڏ...

يارو! ...وسيقي روحن جي ٻولي آهي - سندس سريلو گيت وٽندڙ هير مثل آهي، جيڪا عشق جي تارن کي چوري ٿي.

جڏهن موسيقي جون نفيس ۽ نازڪ آڱريون اسان جي جذبات جي دروازي کي کڙڪائن ٿيون، تہ اهي انهن يادگيرين کي تازو ڪن ٿيون، جيڪي ماضيءَ جي اونهين گهرائين ۾ لڪل هونديون آهن.

غمگين راڳڻيون، اسان جي غمن کي تازو ڪن ٿيون ۽ سنجيده نغمہ اسان

کي خوشين جون گهڙيون ياد ڏيارن ٿا. تارُن جي چرڻ سان يا تہ اسان کنهن پياري جي وڇڻ واري وقت کي ياد ڪري ڳوڙها ڳاڙيون ٿا. يا الله طرفان عنايت ڪيل راحت ۽ امن کي ياد ڪري مُرڪون ٿا.

موسيقي روح جو جوهر ۽ سندس دل، روح جي دل جي آهي.

جڏهين الله تعاليٰ انسان کي پيدا ڪيو تڏهين ڪيس ٻين ٻولين سا گڏ موسيقيءَ جي ٻولي بہ عطا فرمائي. اوائلي انسان جهنگلن ۾ سندس عظمت جا گيت ڳايا ۽ هن بادشاهن جي دلين کي موهي ڪين سندن تختن کان ڪناره ڪش ڪيو.

اسان جا روح مقدر جي هوائن جي رحم ۽ ڪرم اڳيان نازڪ گلن مثل آهن. جيڪي صبح جي هير ۾ ڏڪن ٿا ۽ جنت مان ڪرندڙ ماڪ اڳيان پنهنجا ڪنڌ جهڪائن ٿا.

پکيءَ جي منڙي لات، انسان کي سندس ننڊ مان سجاڳ ڪري، ڪيس انهيءَ لافاني حڪمت جي حمد ۽ ثنا ۾ پاڻ سان شريڪ ٿيڻ جي دعوت ڏئي ٿي، جنهن پکيڙي کي، سندس نغمو عطا فرمايو آهي.

اهڙي موسيقي اسان جي اندر ۾ هڪ شعور ٿي پئدا ڪري، تہ جيئن اسان پاڻ کان پڇون تہ قديم ڪتابن ۾ جيڪي اسرار سمايل آهن، تن جو ڀيد ڪهڙو آهي؟

جڏهين پکيئڙا لاتيون لون ٿا تڏهين ڇا اهي انهيءَ وقت سرسبز ٻنين ۾ گلن کي سڏن ٿا يا وڻن سان ڳالهائن ٿا يا نهرن جي نغمن کي جهونگارن ٿا؟ انسان سمجهہ هوندي بہ نہ ٿو سمجهي سگهي تہ پکي ڇا ٿا ٻولن. نهرون ڇا ٿيون جهونگارن ۽ لهرون جڏهين آهستي آهستي پيار سان ڪناري کي ڇُهن ٿيون تڏهين ڪهڙيون سرگوشيون ٿيون ڪن؟

انسان سمجهہ هوندي بہ نہ ٿو سمجهي سگهي تہ، مينهن جڏهين وڻن جي پنن تي ڪري ٿو تڏهين ڇا ٿو چوي؟ ۽ جڏهين درين جي شيشن تي ٺر ٺر ڪري ٿو تڏهين ڇا ٿو ڳالهائي؟ ۽ ڪيس ڪڏهين بہ پتو پئجي نہ سگهندو تہ باغن ۾ هير گلن کي ڇا ٿي چوي؟

ليڪن اسان جي دل محسوس ڪري سگهي ٿي ۽ انهن آوازن کي، جيڪي سندس احساسات سان کيڏن ٿا، تن کي سمجهي سگهي ٿي. "لافاني حڪمت" اڪثر سائنس عجيب زبان ۾ گفتگو ڪري ٿي، جڏهين روح ۽ قدرت پاڻ ۾ گفتگو

ڪن ٿا تہ انسان وائڙو ۽ چپ چاپ بيٺو رهي ٿو.

باوجود انهيءَ جي، ڇا انسان انهن آوازن تي رُنو نہ آهي؟ ۽ ڇا سندس لڙڪ هڪ قسم جي وٺندڙ رضامندي نہ آهن؟

مقدس موسيقي!
محبت جي روح جي ڌيءَ
مصيبت ۽ محبت جي صراحي
انسان جي قلب جي آرزو ۽ ڪم جو ثمر
خوشيءَ جو گل ۽ جذبات جي سُرهاڻ
عاشقن جي زبان ۽ رازن جي پيامبر
محبت جي پوشيده لڙڪن جي ماءُ
شاعرن، موسيقارن ۽ معمارن ۾ تخليقي تحريڪ پيدا ڪندڙ
لفظن ۾ خيالات جي يڪرنگي
حسن ۽ جمال مان محبت جي موجد
خوابن جي جهان ۾ خوش دلين جي مءِ
مجاهدن کي همٿائيندڙ ۽ روح کي تقويت ڏيندڙ
رحم ۽ ڪرم جي مهراڻ
اي موسيقي!
تنهنجي پاتال ۾ اسان پنهنجون دليون
۽ پنهنجا روح جمع ڪيون ٿا
توئي اسان کي سيکاريو تہ اسان
پنهنجن ڪَنن سان ڏِسون
۽ دل سان ٻڌون-

# ٨

## ڏاهپ متعلق

اهو انسان ڏاهو آهي جيڪو الله جي تعظيم ڪري ٿو ۽ جنهن جو الله [illegible] عشق آهي. انسان جي عظمت سندس رنگ، اعتقاد، نسل ۽ ذات ۾ نه پر، سندس علم ۽ نيڪ عمل ۾ سمايل آهي.

منهنجا دوستا! ياد رک ته هڪ ريڍار جو پٽ، جنهن کي علم جي دولت آهي، سو هڪ جاهل وليعهد کان قوم جي لاءِ وڌيڪ ڪارآمد آهي.

علم اوهان جي شرافت ۽ وڏائپ جي صحيح علامت آهي. چاهي توهان جو پيءُ ڪير به هجي ۽ توهان جو نسل ڪهڙو به هجي.

علم اها دولت آهي جنهن کي ظالم ضايع نه ٿا ڪري سگهن. بس صرف موت ئي اوهان جي اندر ۾ روشن ڏيئي کي گل ڪري سگهي ٿو.

قوم جي حقيقي دولت، سندس سون ۽ چانديءَ جي ڍيرن ۾ نه آهي، بلڪ سندس [illegible]جن جي ايمانداري، ذهانت ۽ علم ۾ سمايل آهي.

[illegible] دولت. انسان جي صورت کي خوبصورتي بخشي ٿي- ۽ منجهس [illegible] احترام جو جذبو پيدا ڪري ٿي.

روح [illegible] انسان جي [illegible] مان، چهرن مان، اشارن ۽ چرپر مان ظاهر ٿئي [illegible] انسان جا الفاظ ۽ انسان جا عمل، انسان کان وڌيڪ نه آهن،

چاڪاڻ تہ روح اسان جو گهر آهي- اسان جون اکيون سندس دريون، ۽ اسان جا الفاظ سندس قاصد آهن.

علم ۽ عقل اسان جي زندگيءَ جا وفادار ساٿي آهن جيڪي اسان سان ڪڏهين بہ بيوفائي ڪونہ ڪندا، چاڪاڻ تہ علم تنهنجو تاج ۽ عقل تنهنجي لٺ آهي، ۽ جيڪڏهين اهي توسان ساڻ آهن تہ پوءِ توکي هن ڪان وڌيڪ دولت جي ضرورت نہ آهي.

اهو شخص جيڪو توکي سمجهي ٿو، سو تنهنجي حقيقي ڀاءُ ڪان بہ وڌيڪ تنهنجو مائٽ آهي، چاڪاڻ تہ ٿي سگهي ٿو تہ تنهنجا مٽ مائٽ نہ توکي سمجهي سگهن ۽ نہ تنهجو صحيح قدر ڪري سگهن.

هڪ نسوري جاهل سان دوستي ايئن آهي، جيئن ڪنهن نشئي سان بحث ڪيو وڃي.

الله، توهانکي عقل ۽ علم عطا فرمايو آهي، تنهنڪري رب جي عنايت ڪيل نور کي ايئن ضايع نہ ڪيو، جو عقل جو ڏيئو، گناهہ ۽ شهوت پرستيءَ جي اونداهين ۾ گلُ ٿي وڃي، چاڪاڻ تہ ڏاهو انسان پنهنجي روشنيءَ جو ڏيئو ڪٺي، انسان ذات جي راهہ کي رَوشن ڪري ٿو.

ياد رکو تہ هزارن ناسمجهہ معتقدن ڪان، هڪ انصاف پسند شخص، شيطان کي وڌيڪ عذاب پهچائي ٿو.

اُهو ٿورو علم، جيڪو متحرڪ ۽ چُست آهي، سو انهيءَ گهڻي علم ڪان وڌيڪ بهتر آهي، جيڪو غير متحرڪ ۽ سست آهي.

جيڪڏهين توهان جو علم توهان کي شئين جو قدر سڃاڻڻ نہ ٿو سيکاري، ۽ توهان کي مادہ جي غلاميءَ ڪان نجات نہ ٿو ڏياري، تہ پوءِ توهان ڪڏهين بہ "صداقت" جي تخت جي ويجهو پهچي نہ سگهندا.

جيڪڏهين توهان کي علم، انسان جي ڪمزوري ۽ بدبختي ڪان مٿي اُڏام جي تعليم نہ ٿو ڏئي ۽ توهان ۾ انسان ذات کي صحيح راهہ تي هلائڻ جو شعور نہ ٿو پيدا ڪري، تہ پوءِ تحقيق، توهان معمولي انسان آهيو ۽ قيامت جي ڏينهن تائين معمولي انسان رهندا.

عاقلن، جيڪي عقل جون ڳالهيون چيون آهن، سي سکو، ۽ انهن سان پنهنجي زندگي سڌاريو ۽ انهيءَ مطابق زندگي گذاريو. ليڪن صرف ڏيکاءُ ۽ نماءُ واسطي ڪين نہ پڙهو، چاڪاڻ تہ جيڪو بہ بنا سمجهڻ جي پڙهي ٿو، سو انهيءَ گڏهہ ڪان ڪنهن بہ حالت ۾ بهتر نہ آهي، جنهن جي پُٺيءَ تي ڪتابن جو بار هجي.

## ٩

# محبت ۽ مساوات متعلق

منهنجا مسڪين دوست، جيڪڏهين توکي خبر هجي ها تہ غربت، جا تنهنجي لاءِ مصيبت جو ڪارڻ آهي سا آها نعمت آهي، جا تو لاءِ عدل ۽ انصاف جي پروڙ، ۽ زندگي جي رازن جي شعور جو سبب آهي، تہ تون پنهنجي انهيءَ حصي تي راضي رهين ها.

مون ”عدل ۽ انصاف“ جي پروڙ چئي، ڇاڪاڻ تہ شاهوڪار دولت کي ميڙڻ جي مشغولي ۾، هن پروڙ کان لاپرواهہ آهي.

۽ مون ”زندگيءَ جو شعور“ چيو، ڇاڪاڻ تہ طاقتور حڪمت ۽ اقتدار جي تلاش ۾، صداقت جي راهہ تي قائم رهي نہ ٿو سگهي.

تنهنڪري منهنجا غريب دوست! خوشي ملهاءِ تہ تون عدل ۽ انصاف جي زبان ۽ زندگيءَ جو ڪتاب آهين. شڪر ڪر! ڇاڪاڻ تہ تون انهن ۾ نيڪيءَ جو چشمو آهين، جيڪي توتي حڪومت ٿا ڪن، ۽ انهن ۾ ايمانداريءَ جو ٿنڀو آهين جيڪي تنهنجي رهبري ٿا ڪن.

منهنجا غمگين دوست! ڪاش تون ڏسي سگهين تہ هيءَ ذلت، جنهن کان تون زندگيءَ ۾ مغلوب ٿيو آهين، سا اهائي قوت آهي جا تنهنجي دل کي روشن ٿي ڪري ۽ تنهنجي روح کي ٺٺول جي ڪڏن مان ڪڍي عزت جي بلندين تي پهچائي

۽ جيڪو غم تو برداشت ڪيو آهي، سو الله جي حڪم سان خوشيءَ ۾ بدلجي ويندو. ۽ ايندڙ نسل، غريبي کان مساوات ۽ رنج ۽ غم کان محبت جو سبق سکندا.

او هوا! تون ڪڏهين ته خوشيءَ جي نشي ۾ چوڙ لڏندي لمندي يا ڪڏهين غم ۽ درد کان آهون ڀريندي اسان جي ڀرسان لنگهين ٿي.

اسان تنهنجو آواز ته ٻڌون ٿا پر توکي ڏسي نه ٿا سگهون. توکي محسوس ته ڪيون ٿا، پر تنهنجي روپ کي بيان ڪري نه ٿا سگهون.

تون محبت جي انهيءَ سمنڊ مثل آهين، جيڪو اسان جي روحن کي پنهنجي موجن ۾ ته ڦاسائي ٿو پر ٻوڙي نه ٿو.

تون ٽڪرين سان گڏ بلند ته ٿين ٿي. پر ماٿرين ۾ هيٺ به لهين ٿي ۽ ميدانن ۽ چراگاهن ۾ ڦهلجي وڃين ٿي. تنهنجي چڙهڻ ۾ عزم ۽ تنهنجي لهڻ ۾ شفقت ۽ تنهنجي ڦهلجڻ ۾ نزاڪت ۽ شان آهي. تون هڪ رحمدل بادشاهه وانگر آهين، جيڪو بيوس غريبن لاءِ مهربان ۽ مغرورن ۽ هٺيلن لاءِ طاقتور آهي.

خزان ۾ تون ماٿرين ۾ روئين ٿي ۽ وڻ تنهنجي ماتم جو پڙاڏو ڪن ٿا. سياري ۾ تون پنهنجا بند ڀڃين ٿي ۽ فطرت به توسان گڏ بغاوت ڪري ٿي.

بهار ۾ تون پنهنجي خواب مان نبل ۽ ڪمزور سجاڳ ٿين ٿي ۽ تنهنجي ڪمزور تاڃي ۾ ٻنيون بيدار ٿين ٿيون.

اونهاري ۾ تون گرميءَ جي پالن ۽ سج جي تيرن کان خاموشيءَ جي نقاب پوبان ايئن لڪي وڃين ٿي جو ڄڻ ته مري وئي آهين.

ڇا سچ پچ تو خزان جي پوئين ڏينهن ۾ رنو ٿي يا اگهاڙن وڻن جي شرمندگيءَ تي کليو ٿي؟

ڇا تون سياري ۾ ڪاوڙيل هئينءَ يا برف سان ڍڪيل رات جي مزار تي رقص ۾ مشغول هئينءَ؟

ڇا سچ پچ تون بهار ۾ بيمار هئينءَ يا پنهنجي محبوب "مندن جي شهزادي" جي فراق ۾ ماتم ڪري رهي هئينءَ؟

ڇا تون آرهڙ جي ڏينهن ۾ مري وئي هئينءَ يا ميون جي دل ۾ آرامي هئينءَ؟ يا انگورن جي اکين ۾ ستل هئينءَ يا ڪڻڪ جي سنگن ۾ ڳاهه جي پڊر تي ننڊ ۾ هئينءَ؟

پرانهن پيانڪ غارن ڏانهن قربانيءَ جي شڪار وانگر گهلي ويندينءَ ۽ ڪين اُتي فنا ڪري ڇڏيندينءَ؟

رات جي سناٽي ۾ دليون توکي پنهنجا راز ٻڌائن ٿيون، ۽ فجر ويل اکيون تنهنجي ڇهڻ سان کُلن ٿيون. ڇا جو ڪجهه دل محسوس ڪيو يا جو ڪجهه اکين ڏٺو سو توکي ياد به آهي؟

ڏکايل پنهنجي ڏک جا ڏوهيڙا، يتيم پنهنجي دل جا ڀڳل ٽڪرا ۽ مظلوم پنهنجي درد جون دانهون تنهنجي پرن جي حوالي ڪن ٿا، ۽ مسافر پنهنجي دل جي آرزو، بي يارومددگار پنهنجو بار ۽ نگاهن ڪان ڪريل عورت پنهنجي مايوسي، تنهنجي لباس جي تهن ۾ ته ڪن ٿا.

ڇا تون انهن حقير ۽ عاجزن جي امانتن جي حفاظت ڪرين ٿي؟ يا ڇا تون به زمين وانگر آهين، جيڪا هر شيءَ کي، جنهنکي پيدا ڪري ٿي، پنهنجي سيني ۾ دفن ڪري ڇڏين ٿي؟

ڇا تون هيءُ روح رازو، آهون ۽ دانهون، ماتم ۽ ٽهڪ ٻڌي رهي آهين؟ يا ڇا تون انهيءَ مغرور ۽ هٺيلي انسان وانگر آهين، جيڪو نه غريب جي وڏيل هٿ کي ڏسي ٿو ۽ نه سندس عرض ٻڌي ٿو؟

او ٻڌندڙن زندگي! ڇا تون ٻڌي رهي آهين؟

## ١١

# نوجوان ۽ عشق

هڪ نوجوان، جنهن پنهنجي زندگيءَ جي صبح ۾ اڃان مس پير رکيو هو، پنهنجي اڪيلي گهر ۾ ويهي، ڪڏهن دريءَ مان ٻاهر تارن سان ڀريل آسمان کي تڪيو ٿي، ۽ ڪڏهن نوخيز حسينه جي انهيءَ تصوير کي، جيڪا سندس هٿ ۾ هئي، ڏٺو ٿي، جنهن جا رنگ ۽ مهانڊا سندس مصور جي مهارت جا شاهد هئا، ۽ جن، نوجوان جي دل ۾ هڪ باهه کي تيز ڪري، مٿس هن جهان جا راز ۽ ابديت جا اسرار ظاهر ٿي ڪيا.

انهيءَ عورت جي تصوير، سندس ذهن وارين اکين کي، ڪنهن جي ڏسڻ واري قوت بخشي، جنهن جي ڪري هو انهن روحن جي ٻولي سمجهي، جيڪي سندس ڪمري ۾ ڦري رهيا هئا، ۽ سندس دل عشق ۽ محبت سان ڀرجي وئي.

اهڙي طرح ڪلاڪ ايئن لنگهي ويا، جيئن ڪنهن خواب جي هڪ گهڙي، يا بقا جي زندگيءَ جو هڪ سال.

انهيءَ کان پوءِ نوجوان تصوير کي پنهنجي اڳيان رکي ۽ قلم کڻي ڪاغذ تي پنهنجي دل جي جذبات کي هيٺن لکڻ شروع ڪيائين:

”منهنجي پياري! قدرت جون اهي عظيم صداقتون جيڪي انساني قياس ۽

تنهنکي عاليشان الفاظ ۽ اعمال جي صورت ۾ ظاهر ڪرڻ تنهنجي وس ۾ ايئن ئي جيئن سج باغن جي خوشبودار گلن کي زمين مان ٻاهر نروار ڪريٿو.

۽ تنهنکري توسان منهنجي محبت هميشہ قائم رهندي."

نوجوان اٿيو ۽ ڪمري ۾ آهستي آهستي ادب سان هلڻ لڳو. هن دريءَ مان وري ٻاهر نهاريو ۽ ڏٺائين تہ چنڊ افق تي ابري چڪو آهي، ۽ فضا سندس نازڪ ۽ وتندڙ ڪرڻن سان روشن آهي، ۽ پوءِ موٽي پنهنجي لکڻ واري ميز وٽ آيو ۽ وڏيڪ لکيائين:

"منهنجي پياري! مونکي معاف ڪر، جو مان توسان غيرن وانگر مخاطب ٿيس. درحقيقت تون تہ منهنجو اهو خوبصورت اڌ حصو آهين، جنهنکي مون انهيءَ وقت وڃايو هو، جڏهين اسان ٻئي هڪ ئي وقت دستِ خداوندي کان ڌار ٿيا هئاسين. مونکي معاف ڪر منهنجي پياري!"

۱۲

# دانائيءَ مان

رات جي سناٽي ۾ دانائي منهنجي ڪمري ۾ آئي، ۽ منهنجي کٽ تي اچي ويٺي. هڪ مهربان ماءُ وانگر مونکي ڏنائين ۽ منهنجا ڳوڙها اگهي چيائين: "مون تنهنجي روح جي پڪار ٻڌي ۽ مان تنهنجي دلداريءَ لاءِ آئي آهيان. منهنجي اڳيان پنهنجي دل کول تہ مان ڪيس نور سان ڀريان. پڇ تہ مان توکي حقيقت جي دڳ لايان."

مون سندس حڪم جي تعميل ڪئي ۽ پڇيم: "اي دانائي! مان ڪير آهيان؟ ۽ هن خوفناڪ جاءِ ۾ ڪيئن آيو آهيان؟ هي اهم خواهشون، هي ڪتابن جا ڍير ۽ هي عجيب تصويرون ڇا آهن؟ هي خيالات ڇا آهن؟ جيڪي ڳيرن وانگر اڏرندا اچن ٿا ۽ اڏرندا وڃن ٿا! هي الفاظ ڇا آهن جن کي اسين خواهشن ذريعي ترتيب ڏيون ٿا ۽ خوشيءَ سان لکون ٿا؟ هي غم ڏيندڙ ۽ فرحت بخشيندڙ فيصلا ڇا آهن، جيڪي منهنجي روح سان بغلگير ۽ جن منهنجي دل تي قبضو ڪيو آهي؟ هي ڪنهن جون اکيون آهن، جيڪي مونکي تڪينديون ٿيون رهن ۽ منهنجي دل جي گهرائين ۾ تہ گهوريند يون ٿيون رهن پر منهنجي غم کان غافل آهن؟ هي ڪهڙا آواز آهن، جيڪي منهنجي زندگيءَ تي تہ ماتم ڪن ٿا پر منهنجي ننڍپڻ جي ساراهہ ۾ گيت ٿا ڳائن؟ هي منهنجي خواهشن ۽ اميدن سان کيڏندڙ شباب ڇا

آهي، جيڪو منهنجي جذبات تي ٺٺوليون ٿو ڪري ۽ ماضي جي افعالن ۽ عملن کي وساري ٿو ڇڏي ۽ حال جي بي مزگيءَ تي خوش ٿو رهي ۽ آهستي ايندڙ مستقبل جي مقابلي لاءِ پاڻ کي تيار ٿو ڪري؟

هيءَ خطرناڪ جهان ڇا آهي جيڪو مونکي اڻ ڇاتل جڳهه ڏانهن گهلي رهيو آهي؟

هيءَ زمين ڇا آهي جيڪا اسان جي جسمن کي ڳڙڪائڻ لاءِ پنهنجو وات ڦاڙي ٿي ۽ حرص ۽ طمع جي لازوال پناهه گاهه تيار ڪري ٿي؟

هيءَ انسان ڪير آهي جيڪو تقدير جي مهربانين تي رضامند آهي ۽ جيڪو زندگي جي چپن جي چُمي جو شيدائي آهي، پر موت جنهنکي شڪت ٿو ڏئي؟ هيءُ انسان ڪير آهي جيڪو لذت جي هڪ گهڙيءَ لاءِ شرمساري ۽ پڇتاءَ جو هڪ سال خريد ڪري رهيو آهي ۽ ننڊ جي گود ۾ غافل آهي ۽ جنهنکي خواب سڏي رهيا آهن؟ هيءُ انسان ڪير آهي جيڪو ناداني ۽ جهالت جي لهرن تي ترندو اونداهيءَ جي سمنڊ ڏانهن لڙهندو ٿو وڃي؟

او دانائي! مونکي ٻڌاءِ تہ هي سڀ شيون ڇا آهن؟"

۽ دانائي پنهنجا چپ چوريا ۽ چيو: "اي انسان! تون هن جهان کي الله جي اک سان ڏسڻ چاهين ٿو پر ايندڙ زماني جي ڀيدن کي انساني فڪر جي ذريعي سمجهڻ گهرين ٿو. هيءَ تہ بيوقوفي جي حد آهي!

ٻنين ۾ وڃ ۽ ڏس تہ ماکيءَ جي مک خوشبودار گلن تي ڪيئن ڀون ڀون ٿي ڪري ۽ باز پنهنجي شڪار تي ڪيئن جهٽ ٿو هڻي! پاڙيسري جي گهر وڃ ۽ ننڍڙي معصوم ٻار کي شوق ۽ تعجب سان چڻنگن کي نهاريندي ۽ سندس ماءُ کي ڪمڪار ۾ مشغول ڏس! ماکيءَ جي مک وانگر ٿي ۽ پنهنجي بهار جا ڏينهن باز جي عملن کي ڏسڻ ۾ برباد نہ ڪر! انهيءَ معصوم ٻار وانگر باهہ جي چڻنگن کان لطف وٺ ۽ ماڻس کي سندس حال تي ڇڏي ڏي. جو ڪجهہ تون ڏسين ٿو سو تنهنجي لاءِ هو ۽ تنهنجي لاءِ آهي.

هي ڪتابن جا ڍير، هي عجيب وغريب تصويرون، هي وڻندڙ خيالات، جيڪي پنهنجي چوڌاري ڏسين ٿو سي سڀ انهن ماڻهن جا پاڇا آهن جيڪي توکان اڳ گذري چڪا آهن. هي لفظ جيڪي تنهنجا چپ اچارن ٿا سي تنهنجي ۽ تنهنجي ڀاءُ انسان جي وچ ۾ اتحاد جو ناتو آهن. هي غم ڏيندڙ ۽ فرحت بخشيندڙ فيصلا آهي ٻج آهن، جن کي ماضيءَ روح جي ٻني ۾ پوکيو ۽ جن جو ثمر مستقبل حاصل

ڪندو.

هي تنهنجي خواهشن سان ڪيڏندڙ شباب، تنهنجي دل جا دروازا کولڻ وارو آهي تہ جيئن منجهن نُور داخل ٿئي. هيءَ زمين جيڪا وات ڦاڙي انسان ۽ سندس صنعت کي ڳڙڪائي وڃي ٿي، سا اسان جي روحن کي جسمن کان نجات ڏياريندڙ آهي.

دنيا جيڪا توسان گڏ هلي ٿي سا تنهنجي دل آهي ۽ تنهنجي دل اهو سڀ ڪجهہ آهي، جنهنکي تون دنيا سمجهين ٿو، ۽ انسان جنهنکي تون حقير ۽ جاهل سمجهين ٿو، سو الله جو اهو قاصد آهي، جيڪو غم کان خوشيءَ جي ۽ گمراهي کان معرفت جي تعليم حاصل ڪرڻ آيو آهي."

ايئن چئي دانائي پنهنجو هٿ منهنجي گرم گرم پيشاني تي رکيو ۽ چيو: "قدم وڌاءِ ۽ ڪٿي نہ بيهہ ڇاڪاڻ تہ اڳتي وڌڻ جوبيو نالو "ڪمال" آهي، قدم وڌاءِ ۽ زندگيءَ جي راهہ ۾ ڪنڊن ۽ پٿرن جي پرواهہ نہ ڪر.

## ١٣

# ٻہ شهر

زندگي مونکي پنهنجن پرن تي سوار ڪري متي اڏري، ۽ جواني جي پهاڙ جي چوٽيءَ تي لاٿائين، ۽ پوءِ پٺتي ڏسڻ جو اشارو ڪيائين.

مون پوئتي نهاريو ۽ هڪ عجيب شهر ڏٺو، جنهن مان ڪارو دونهون ڏار ڏار قسمن جي ناڳن جون شڪليون ناهيندو ۽ نڪري رهيو هو. هڪ ڏنڌ جي تهه ذري گهٽ ڪيس منهنجي نظرن کان اوجهل رکيو هو.

ٿوري دير خاموشي ڪانپوءِ مون پڇو، "زندگي! مان هي ڇا ڏسي رهيو آهيان؟"

۽ زندگيءَ ورائيو، "هيءَ ماضيءَ جو شهر آهي، ڪيس ڏس ۽ متس غور ڪر!"

مان انهيءَ عجيب منظر کي ڏسندو رهيس ۽ مونکي عجيب [illegible] سيون ۽ عجيب نظارا نظر آيا. مون ڏٺو ته عمل جا درسگاهہ ننڊ جي پرن جي ڇانو ۾ ديون وانگر ٻت ٿيا ويٺا آهن، [illegible] روحن طواف تي [illegible] اميد جا نغمہ ٻڌي [illegible] گاڻائون، مون [illegible] جي تعمير [illegible] هڪ تباهہ

ڪيو هو.

مون فڪر جي مينارن کي ڏٺو تہ انهن پنهنجون چوٽيون آسمان ڏانهن ايئن وڌايون هيون، جيئن فقير پنڻ لاءِ پنهنجا هٿ وڌائن.

مون اميد جي راهن کي ايئن ڦهليل ڏٺو، جيئن ماٿرين ۾ درياهہ.

مون اسرارن جي خزانن کي، جن جي حفاظت رازداري ڪري رهي هئي، ڪنڊرن جي ڪوٺائي ڪنڊڙ ڏاڙيلن جي هٿان لٽجندي، شجاعت ۽ طاقت سان تعمير ڪيل قلعن کي خوف ۽ هراس جي هٿان برباد ٿيندي، خوابن جي محلن کي جن کي ننڊ سينگاريو، بيداري جي هٿان ويران ٿيندي ڏٺو.

مون ننڍين جهوپڙين ۾ ڪمزوريءَ کي رهندي ڏٺو. مون اڪيلائي ۽ رهبانيت جا حُجرا بہ ڏٺا، تہ علم ۽ فن جا آهي درسگاهہ بہ ڏٺا، جن کي عقل تہ روشن ڪيو هو، پر جهالت منجهن گمراهيءَ جي اوندهہ پيري هئي.

مون محبت جي مئہ خانن ۾ عاشقن کي مدهوش ڏٺو، جن تي غفلت ٽئوليون ڪري رهي هئي.

مون ڏٺو تہ ناٽڪ گهرن جون اسٽيجون، جن تي ڪڏهين زندگي پنهنجا ناٽڪ رچائيندي هئي، تن تي موت زندگيءَ جي سيني ٽريجڊين کي هميشہ لاءِ ختم ڪري ڇڏيو هو.

هي آهي ماضيءَ جو شهر، جيڪو ڏسڻ ۾ تہ پري آهي پر حقيقت ۾ ويجهو آهي.... جيڪو نظرن جي سامهون بہ آهي تہ ڪانئن روپوش بہ-

پوءِ زندگي مون کي اشارو ڪيو ۽ چيائين، ”منهنجي پٺيان اچ. اسان کي هت گهڻي دير ٿي وئي آهي.“

۽ مون پڇيو، ”زندگي! اسان ڪيڏانهن هلي رهيا آهيون؟“ ۽ زندگي وراڻيو، ”اسان مستقبل جي شهر ڏانهن هلي رهيا آهيون، ۽ مون چيو، ”زندگي! مون تي رحم ڪر! مان ٿڪجي پيو آهيان. منهنجا پير ڦٽجي پيا آهن ۽ طاقت جواب ڏئي چڪي آهي.“

پر زندگي وراڻيو، ”منهنجا دوست! قدم وڌاءِ! بيهڻ بزدلي آهي ۽ ماضيءَ جي شهر ڏانهن، هميشہ نهارڻ، جهالت آهي. ڏس! مستقبل جو شهر توکي سڏي رهيو آهي.“

## ١۴

صبح جو سوير، جڏهن انسان اڃان ننڊ جي چادرن ۾ آرامي هو، مان ٻنين ۾ فطرت سان سرگوشيون ڪري رهيو هوس. مان سبزگاهہ تي ليٽي، هنن سوالن تي غور ڪري رهيو هوس: ”ڇا سچ سونهن آهي؟ ڇا سونهن سچ آهي؟“

پنهنجن انهن خيالن ۾ محو، مان هن دنيا کان گهڻو پري نڪري ويس، ۽ منهنجن خيالن، منهنجي نفس تان دنياوي نقاب مٿي ڪنيو ۽ مون پنهنجي روح ۾ وسعت ۽ بلندي محسوس ڪئي، جيڪا مون کي فطرت ۽ سندس رازن جي ويجهو ڪري رهي هئي ۽ منهنجي ڪنن کي فطرت جي عجوبات جي زبان ٻڌڻ جي قوت بخشي.

مان پنهجن خيالن ۾ محو ويٺو هوس جو هير جو، هڪ جهونٽو بي يار ۽ مددگار، يتيم وانگر تڏا ساهہ پريندو، وڻن جي ٽارين مان لنگهيو.

مون چيس، ”منٺڙي هير! تون تڏا ساهہ ڇو ٿي ڀرين؟“ چيائين، ”ڇاڪاڻ تہ مان شهر کان آئي آهيان جتي سخت گرمي آهي ۽ جتي بيمارين جا جيوڙا منهنجي پاڪ ۽ صاف دامن سان چنبڙي پون ٿا. ڇا پوءِ بہ مونکي رنج ڪندي ڏوهي سمجهي سگهين ٿو؟

انهيءَ کانپوءِ مون انهن گلن کي ڏٺو، جن جي پنکڙين تان ڳوڙها ٽمي رهيا هئا ۽ سند روئڻ کي ٻڌو، ۽ مون پڇين، ”منهنجا سهڻا ۽ نازڪ گلؤ! توهان ڇو ٿا روئو؟“

# ۱۵

## ساحره

هن ويران ۽ خاموش ڪمري ۾ ڪلهه اها عورت ويٺي هئي، جنهنڪي منهنجي دل پيار ڪري ٿي. هن مخملي بستري تي سندس نازڪ ۽ وٽندڙ جسم آرامي هو، ۽ هن بلوري جام مان عمدي شراب جو ڍڪ پريو هئائين.

هيءُ ڪلهه جو خواب هو، ڇاڪاڻ تہ اڄ اها عورت، جيڪا منهنجن اميدن جي دنيا هئي، انهيءَ ڏورانهين ڏيهه وڃي چڪي آهي، جنهنڪي اڪيلائي ۽ فراموشيءَ جو ملڪ چون ٿا.

انهيءَ عورت جي آڱرين جا نشان، اڃان تائين منهنجي آئيني تي ظاهر آهن، ۽ سندس ساهه جي خوشبوءِ اڃان تائين منهنجن ڪپڙن ۾ سمايل آهي ۽ سندس مٺڙي آواز جو پڙاڏو اڃان تائين منهنجي ڪمري ۾ گونجي ٿو.

پر اها عورت جيڪا منهنجي محبت ڇي جذبات جو مرڪز آهي، هڪ پرانهين ملڪ ڏانهن رواني ٿي وئي، جنهن کي هجر ۽ فراق جي ماٿري چون ٿا.

انهيءَ عورت جي تصوير، منهنجي بستري جي پرسان ٽنگيل آهي ۽ محبت جا اُهي خط، جيڪي هن مونکي لکيا هئا، سي اڃا تائين مون وٽ عقيق ۽ مرجان جي جڙاءُ سان جڙيل، چانديءَ جي صندوقچي ۾ محفوظ آهن. ۽ اهي سڀ شيئون صبحائي مون وٽ رهنديون، جيستائين هوا کين عدم ڏانهن اڏائي وڃي، جتي فقط

گونگي خاموشي حڪمران آهي.

اها عورت جنهن کي مون پيار ڪيو آهي، سا انهن عورتن جهڙي آهي، جن کي اوهان پنهنجون دليون نذرانو ڏنيون آهن. هيءَ عورت هڪ عجيب مخلوق آهي جنهن کي ديوتائن ڪبوتر جي صلح پسندي، نانگ جي عياري، مور جو غرور ۽ ناز، بگهڙ جي درندگي، سُفيد ڪاز جي خوبصورتي ۽ اونداهي رات جي خوف کي مُٺ مِٽيءَ ۽ ٻڪ سمنڊ جي جهگ ۾ ملائي ٺاهيو آهي.

مان هن عورت کي ننڍپڻ کان سڃاڻان، جڏهين ٻنين ۾ مان سندس پوئتان پوئتان ڊوڙندو هوس ۽ شهر جي بازارين ۾ سندس دامن کي جهليندو هوس. مان ڪيس پنهنجي نوجواني کان سڃاڻان ٿو ۽ انهن ڪتابن ۾ جنکي مان پڙهندو هوس، سندس چهري جو عڪس ڏٺو آهي، مون سندس فردوسي آواز کي نهرن جي وهڪري ۾ ٻڌو آهي.

انهيءَ عورت کي مون پنهنجي دل جا ڀيد ۽ روح جا راز ٻڌايا آهن.

اها عورت جنهن کي منهنجي دل پيار ڪري ٿي سا سرد ۽ ويران ڏورانهين سرزمين ڏانهن هلي وئي آهي، جنهن کي اڪيلائي ۽ فراموشي جو ملڪ چون ٿا.

اها عورت جنهنکي منهنجي دل پيار ڪري ٿي سا "زندگيءَ" جي نالي سان سڏي وڃي ٿي. هوءَ بيحد سهڻي آهي ۽ هر دل کي موهي پاڻ، ڏانهن ڇڪي ٿي ۽ اسان جي زندگين کي پاڻ وٽ گروي رکي، اسان جي اميد کي واعدن ۾ دفنائي ٿي.

زندگي هڪ عورت آهي، جيڪا عاشقن جي ڳوڙهن سان غسل ڪري ٿي ۽ سندن رت سان پاڻ کي مالش ڪري ٿي. سندس لباس روشن ڏينهن آهن جن ۾ رات جي اونده جون لڪيرون آهن.

هوءَ عاشق جي دل تي تہ قبضو ڪري ٿي، پر شادي جي ناتي ۾ پاڻ کي ٻڌڻ کان انڪار ڪري ٿي-

زندگي هڪ ساحره آهي
جيڪا پنهنجي حسن سان اسان کي برغلائي ٿي
پر جيڪو سندس مڪر ۽ فريب کان واقف آهي
سو سندس جادو جي دام مان بچي نڪري ٿو-

## ١٦

# اميد ۽ جواني

جواني منهنجي اڳيان لنگهي تہ مان سندس پوئتان لڳي پيس، تان جو اسان پري ٻنين ۾ نڪري آياسين، جتي هوء بيهي انهن ڪڪرن کي تڪڻ لڳي، جيڪي افق تي رڍن جي ڌڻ وانگر چَري رهيا هئا، ۽ پوء انهن وڻن ڏي نهاريائين جن جون اگهاڙيون چوٽيون آسمان ڏانهن ايئن اشارا ڪري رهيون هيون، جو ڄڻ تہ رب کي پنهنجي سبز پوشاڪ لاء پاڏائي رهيون آهن.

آخر مون پُڇيس، ”جواني! هن وقت اسان ڪٿي آهيون؟“

چيائين، ”هوشيار! اسان حيرت جي سرسبز پٽن ۾ آهيون.“

۽ مون چيو، ”هل تہ موٽي هلون! ڇاڪاڻ تہ هن جڳهہ جي ويراني مونکي ڏڪائي رهي آهي ۽ هنن ڪڪرن ۽ ننگن وڻن جو منظر، منهنجي دل کي غمگين ڪري رهيو آهي.“

۽ جواني وراڻيو، ”صبر ڪر! جو ”حيرت“ معرفت جي ابتدا آهي.“

پوء مون چوڌاري نهاريو ۽ هڪ پاڇي کي پاڻ ڏانهن شان سان وڌندي ڏٺو ۽ پڇيم، ”هيء عورت ڪير آهي؟“

جواني وراڻيو، ”هيء زيوس جي ڌيء، غمگين ڪهاڻين جي ديوي،

ميلپومين آهي؟"

مون رڙ ڪري چيو، "او سُرورَ ۽ خوشي بخشيندڙ جواني! غم کي مون سان ڪهڙو واسطو؟ جڏهن تون منهنجي پِرِ ۾ آهين!"

چيائين، "هوءَ توکي دنيا ۽ سندس مصيبتون ڏيکارڻ آئي آهي جاڪاڻ ته جيڪو شخص ڏک نه ٿو ڏسي، سو سک جي قدر کان اڻ واقف رهي ٿو."

تنهنڪانپوءِ انهيءَ حُور منهنجي اکين تي پنهنجو هٿ رکيو ۽ جڏهين کيس مٿي کنيائين، تڏهين مون پاڻ کي جواني کان جدا ۽ مادي لباس کان ڪورو ڏٺو ۽ رڙ ڪئي، "دختر زيوس! جواني ڪٿي آهي؟"

ميلپومين ڪوبه جواب ڪونه ڏنو پر مونکي پنهنجن پَرَن ۾ ڪري، هڪ اوتاهين جبل جي چوٽي تي ڪٺي وئي، جتان مون زمين ۽ سندس هر شيءِ کي ڪتاب جي صفحن وانگر ڏٺو، جن تي دنيا جا راز لکيل هئا. مان انهيءَ حور جي پَرِ ۾ ادب ۽ احترام سا بيهي انسانن جي پيدن تي غور ڪرڻ ۽ زندگي جي اسرارن کي سمجهڻ جي ڪوشش ڪرڻ لڳس.

۽ مون دل ڏکوئيندڙ منظر ڏٺا. مون ڏٺو ته نيڪيءَ جا فرشتا بديءَ جي فرشتن سان وڙهي رهيا آهن، ۽ انسان انهن ٻنهي جي وچ ۾ هڪ اهڙي حيرت ۾ مبتلا آهي، جيڪا ڪڏهين ته کيس اميد جي طرف گهلي وئي ٿي ۽ ڪڏهين نااميدن ڏانهن ڇڪيو ٿي.

مون ڏٺو ته محبت ۽ نفرت انسان جي دل سان کيڏي رهي آهي. محبت سندس گناهه جي پرده پوشي ڪري کيس تسليم ۽ رضا جي شراب سا مدهوش ڪري، سندس زبان کي مداح ۽ ساراهه لاءِ کولي رهي آهي، ۽ نفرت سندس دشمني جي جذبات کي ڀڙڪائي، سندس اکين کي حقيقت جي طرف کان انڌو ڪري سندس ڪنن کي صحيح ڳالهه ٻڌڻ کان منع ڪري رهي آهي.

۽ مون شهر کي انهيءَ ٻار مثل ڏٺو، جيڪو گهٽين ۾ انسان جي دامن کي جهلي ليلائي! تنهن کانپوءِ مون دلڪش باغن کي انسان جي غم تي روئيندي ڏٺو.

مون پادرين کي مڪار لومڙين وانگر، انسان جي خوش بختي خلاف مڪر ۽ فريب جو چار وجهندي ۽ ڪوڙن مسيحين کي اٽڪلون ۽ سازشون ڪندي ڏٺو.

مون ڏٺو ته انسان عقل ۽ دانائي کي مدد لاءِ پڪاري رهيو آهي پر دانائي

سندس هڪ به نہ ٿي ٻڌي. چاڪاڻ تہ دانائي جڏهين انسان سان سندس شهر جي گهٽين ۽ بازارين ۾ ڳالهايو هو، تڏهين انسان کيس حقير سمجهي سندس بي عزتي ڪئي هئي.

مون مذهب جي ٺيڪيدارن کي بار بار احترام سان پنهنجون اکيون آسمان ڏانهن کڻندي ڏٺو. پر سندن دلين کي لوڀ ۽ لالچ جي کڏن ۾ ڪريل ڏٺو.

مون هڪ نوجوان کي، پنهنجي وٺندڙ تقرير سان پنهنجي محبوبہ جي دل موهيندي ڏٺو، پر سندن دلي جذبات کي سٽل ۽ سندن الوهيت کي ڪانئن پري ڏٺو.

مون قانوندانن کي سندن مڪارانہ گفتگو سا مڪر ۽ فريب جي بازار ۾ باقاعده تجارت ڪندي ڏٺو.

مون مرشدن کي پنهنجن اڻوجهہ مريدن جي روحن سان کيڏندي ڏٺو.

مون ڏٺو تہ جاهل، عقلمند جي صحبت ۾ ويٺو آهي ۽ پنهنجي ماضيءَ کي پڏائي عظمت ۽ اقتدار جي بلندين تائين پهچائي رهيو آهي ۽ پنهنجي حال کي بي فڪري ۽ ڪشاده دستي جي عبا ڍڪائي رهيو آهي ۽ پنهنجي مستقبل لاءِ عيش ۽ آرام جو بسترو وڇائي رهيو آهي.

مون ڏٺو تہ مفلس فاقہ ڪش، پوکي رهيو آهي ۽ طاقتور دولتمند، ڪائي رهيو آهي، ۽ "ظلم"، جنهنکي غلطيءَ مان قانون ڪوٺيو ٿو وڃي، سو پهريدار آهي!

مون ڏٺو تہ جاهل چور، معرفت جي خزانن کي لٽي رهيو آهي ۽ هدايت جا پهريدار، سستيءَ جي ننڊ ۾ آرامي آهن!

مون ٻہ محبت ڪندڙ ڏٺا، پر عورت هڪ رباب مثل اهڙي مرد جي هٿن ۾ هئي، جنهنکي وڄائڻ جي صلاحيت ڪانہ هئي ۽ جيڪو صرف بي سُرا آواز ئي سمجهي سگهيو ٿي.

۽ مون علم ۽ معرفت جي فوج کي شرافت جي شهر کي گهيرو ڪندي ڏٺو، پر ٿورائي جي سبب کين جلدئي هٽو پيو.

۽ مون آزاديءَ کي اڪيلو، در در تي پناهہ لاءِ آواز ڏيندي ڏٺو پر ڪنهن بہ سندس منٿن کي نہ ٻڌو. پوءِ مون بيهودگي کي وڏي جلوس جي شڪل ۾ ويندي ڏٺو، جنهن کي ماڻهو "آزادي" چئي رهيا هئا.

مون مذهب کي ڪتابن ۾ دفن ۽ شڪ کي سندس جانشين ڏٺو.

مون ڏٺو تہ انسان بزدلي کي صبر جو لباس ڍڪائي رهيو هو ۽ ڪاهلي کي استقلال ۽ خوف کي مهرباني جي نالن سان سڏي رهيو هو.

مون ڏٺو تہ علم ۽ معرفت جي دسترخوان تي اڻ سڏيا جاهل قبضو ڪيون ويٺا آهن ۽ حقيقي مهمان چپ آهن.

مون ڏٺو تہ فضول خرچ عياش جي هٿ ۾ دولت، سندس بدمعاشين جو چار، ۽ ڪنجوس جي هٿ ۾ ماڻهن جي بدبختيءَ جو هٿيار هو. پر عقلمند جا هٿ، مال ۽ دولت ڪان بلڪل خالي هئا.

جڏهين مون هي سڀ ڪجهہ ڏٺو تہ انهيءَ نظاري جي درد کان دانهن ڪيم. "او بنتِ زيوس! ڇا سچ پچ هي ئي زمين آهي؟ ڇا هيءَ ئي انسان آهي؟"

هڪ درد ڀرئي آواز ۾ آهستي چيائين، "جو ڪجهہ ڏسين ٿو سا روح جي راهہ آهي، جنهن تي ڪنڊن ۽ پٿرن جو فرش وڇايل آهي. هي صرف انسان جو پاڇو آهي. هيءَ رات آهي، پر ترس! اجهو صبح ٿيو."

پوءِ هن پنهنجو نازڪ هٿ منهنجي اکين تي رکيو، ۽ جڏهين مٿي کنيائين تہ مون ڏٺو تہ مان ۽ جواني آهستي آهستي گڏ هلي رهيا آهيون، ۽ اميد رهنمائي لاءِ اسان جي اڳيان هلي رهي آهي.

## ١٧

# نئين زندگي

منهنجي محبوبہ! ڪلهہ تائين تہ مون هن دنيا ۾ بلڪل اڪيو هوس ۽ منهنجي اڪيلائي موت وانگر بي رحم هئي. مان انهيءَ گل مثل اڪيلو هوس، جيڪو بلند ٽڪرين جي پاڇي ۾ ٽڙي ٿو ۽ جنهنجي وجود جي نہ زندگي کي خبر آهي ۽ نہ وري ڪيس زندگيءَ جي هستيءَ جو ڪو پتو آهي.

پر اڄ منهنجو روح سجاڳ ٿيو ۽ توکي پنهنجي پر ۾ بيٺل ڏٺو. پهريان مان اٿي بيٺس ۽ خوشي ملهائي ۽ تنهنڪاپوءِ تنهنجي روبرو ادب سا سجدي ۾ جهڪي عبادت ڪئي.

منهنجي محبوبہ! ڪلهہ تائين تہ مٺڙي هير بہ نہ ٿي وٺي، سچ جا ڪرڻا بہ ڪمزور هئا. ڌنڌ بہ زمين کي ڍڪي ڇڏيو هو ۽ سمنڊ جون لهرون بہ وچ ۽ طوفان وانگر ڪڙڪي ۽ سوسات ڪري رهيون هيون.

مون چئني طرف نهاريو تہ سواءِ پنهنجي ستايل ذات جي، ٻيو ڪجهہ بہ نظر نہ آيو. ۽ اونداهي جا پاڇا منهنجي چوڌاري ايئن هيٺ مٿي ٿي رهيا هئا جيئن بکايل ڊونڊيخور ڳجهون.

پر اڄ فطرت نور ۾ وهنتل آهي، گجندڙ لهرون مانيٽيون آهن. ڪوهيڙو

مطلب تہ اهي قومون اڻ ڇاتائي ۾ انهيءَ عظيم تعليميات جي لاءِ بڪ ۽ اڃ محسوس ڪري رهيون هيون، جيڪا دنياوي شيئن کان بلند ۽ برتر هجي. هو روح جي اهڙي آزادي جي لاءِ واجهائي رهيا هئا جيڪا کين پنهنجي پاڙيسريءَ سان گڏ سج جي روشنيءَ ۾ زندگي جي حسن کان فرحت حاصل ڪرڻ جي تعليم ڏئي. هيءَ ئي آهي اها حسين آزادي. جيڪا انسان کي اڻ ڏٺل قوت جي ويجهو آڻي ٿي ۽ جنهن سان هو بنا خوف ۽ شرمندگيءَ جي ملي ٿو.

منهنجي محبوبہ! هي سڀ ڪجهہ بہ هزار سال اڳ هو. جڏهين انساني دل جا جذبات ظاهري شيئن جي چوڌاري لامارا هڻندا هئا ۽ انهيءَ غيرفاني روح جي ويجهو وڃڻ کان ڊڄندا هئا. ۽ جهنگل جو ديوتا پال، ويچارن ريدارن جي دلين تي خوف طاري ڪندو هو تہ بعل، سورج ديوتا پنهنجن پوڄاري پانڻ جي هٿان، غريب ۽ ڪمزور انسان جي دلين کي آزاريندو هو.

۽ هڪ رات نہ، هڪ پهر نہ، پر هڪ گهڙيءَ ۾ روح جا چپ کليا ۽ هڪ مقدس لفظ اچاريائون، ”زندگي“ ۽ جنهن هڪ معصوم بار جو، هڪ ڪنواري جي هنج ۾ روپ اختيار ڪيو. انهيءَ واڙ ۾، جتي ڌنار رات جو جهنگلي جانورن جي خوف کان پنهنجو مال واڙيندا هئا. ڌنار، ڪونرَ ۾ هڪ معصوم هستيءَ کي نهايت آرام سان ستل ڏسي تعجب ڪرڻ لڳا.

هيءَ معصوم بادشاهہ، جيڪو پنهنجي محتاج ماءُ جي ڦاٽل ڪپڙن ۾ ويڙهيل هو، سو مايوس دلين ۽ بڪايل روحن جي تخت تي ويٺو ۽ پنهنجي نهٺائي ۽ عاجزيءَ سان مشتريءَ کان قوت جي عصا کسي، انهيءَ غريب ڌنار کي عطا ڪئي، جنهن پنهنجي مال جي نگهباني تي ڪئي.

۽ منروا کان دانائي ورتي، انهيءَ محتاج مهاڻي کي ڏني جنهن پنهنجي ڄار جي مرمت تي ڪئي-

پنهنجي غم جي عيوض اپالو کان خوشي ورتي دلشڪستہ فقير کي ڏني-

وينس کان حسن ورتي، انهيءَ مظلوم عورت کي بخش ڪيو، جيڪا پنهنجي ظالم اڳيان ڪنبي رهي هئي.

بعل کي تخت تان لاهي انهيءَ تي ان غريب ڪڙميءَ کي ويهاريو، جيڪو پنهنجي پيشانيءَ جو پگهر وهائي ٻج ٿو ڇٽي.

منهنجي محبوبہ! ڇاڪلهہ تائين منهنجا جذبات بني اسرائيل وانگر نہ هئا؟ ڇا مان رات جي خاموشين ۾ انهيءَ نجات ڏياريندڙ جي اچڻ جو منتظر نہ رهندو

## ١٨

# هدايتون

مان هت ازل کان آهيان ۽ ابد تائين هوندس، ڇاڪاڻ تہ منهنجي وجود جي انتها ڪانہ آهي. انساني روح، نُور جو اهو حصو آهي، جيڪو خالق، تخليق وقت پاڻ کان عليحده ڪيو.

منهنجا دوست! پاڻ ۾ هڪ ٻئي کان صلاح مشوره وٺو! ڇاڪاڻ تہ پيچاڙي ۾ اجائي پڇتاءُ ۽ غلطين کان بچڻ جو انهيءَ ۾ راز سمايل آهي.

ظلم جي خلاف توهان گهڻن جو عقل، مڙني لاءِ ڍال آهي. ڇاڪاڻ تہ جڏهين اسان هڪ ٻئي کان صلاح مصلحت وٺون ٿا تہ پنهنجن دشمنن جي تعداد ۾ گهٽتائي آڻيون ٿا.

جيڪو مشورو نہ ٿو وٺي سو بيوقوف آهي، سندس جهالت کيس صداقت کان انڌو ڪري ٿي ۽ کيس بدڪار، سرڪش ۽ انسان ذات لاءِ هڪ خطرو بنائي ٿي.

جيڪڏهين اوهان جو ڪنهن مصيبت سان واسطو پوي تہ کيس مڙس ٿي منهن ڏيو. ڇاڪاڻ تہ ايئن ڪرڻ صرف مڙسن جوئي ڪم آهي.

پوڙهن سان صلاح مشورا ڪيو، ڇاڪاڻ تہ سندن اکين، ورهين جي صورتن کي ڦرندي گهرندي ڏٺو آهي ۽ سندن ڪنن، حياتي جي آوازن کي ٻڌو آهي.

جيڪڏهين سدن صلاح اوهان کي نہ بہ وڻي تہ بہ کين خيال سان ٻڌو.

ظالم، بدڪار، هٺيلي ۽ ڪنجر کان نيڪ مشوري جي اميد نہ رکو. افسوس ان جي حال تي آهي جيڪو بدڪار سان سندس ڳالهين ۾ سازباز ٿو ڪري، ڇاڪاڻ تہ هڪ بدڪار سان متفق ٿيڻ، خواري ۽ سندس ڪوڙ کي ٻڌڻ، غداري آهي.

جيستائين مونکي وسيع علم، فهم ۽ تجربو حاصل نہ آهي، تيستائين مان پاڻ کي صلاحڪار سمجهي نہ ٿو سگهان.

همت ڪريو ۽ جڏهين ڪو موقعو اوهان کي پاڻ ڏانهن اشارو ڪري تہ سست نہ ٿيو ۽ اهڙي طرح اوهان خطرناڪ غلطين کان بچي سگهندا.

منهنجا دوست! انهيءَ وانگر نہ ٿيءُ، جيڪو ڇَلهہ جي پرسان ويهي، باهہ کي ايستائين ڏسندو رهي جيستائين اها وسامي وڃي ٿي ۽ پوءِ خاڪ کي اجايون ڦوڪون ڏئي ٿو. اميد ۽ آسرو نہ لاهہ ۽ گذري ويل تي مايوس نہ ٿي ڇاڪاڻ تہ انسان جي اها سخت غلطي آهي تہ انهيءَ شيءِ تي ماتم ڪري جيڪا ناقابل تلافي هجي.

ڪلهہ مون پنهنجي هڪ عمل تي پڇتايو ۽ اڄ پنهنجي غلطي محسوس ڪيان ٿو تہ پنهنجي ڪمان کي ڀڃي ۽ ترڪش کي برباد ڪري مون پاڻ تي ڪيترو نہ وڏو ظلم ڪيو.

منهنجا يارءُ، ڇاهي تون ڪير بہ آهين. ديول ۾ عبادت ڪندڙ آهين، مندر ۾ مٿو ٽيڪيندڙ آهين يا مسجد ۾ بارگاه الاهي ۾ سجدو ڪندڙ آهين، منهنجي توسان دل آهي.

اسين سڀ هڪ مذهب جا پيروءُ آهيون، ڇاڪاڻ تہ مذهب جا مختلف رستا "حاڪم مطلق" جي انهيءَ شفقت ڀرئي هٿ جي آڱرين مثل آهن جيڪو هٿ هرهڪ کي روحاني سڪون ۽ سالميت بخشڻ ۽ پاڻ ڏانهن سڏڻ لاءِ هر وقت منتظر ۽ وڌيل رهي ٿو.

الله اوهان کي پردار روح عطا ڪيو تہ جيئن توهان محبت ۽ آزادي جي وسيع آسمان ۾ پرواز ڪري سگهو. پوءِ ڇا اها افسوس جهڙي ڳالهہ نہ آهي تہ توهان پنهنجي هٿن سان پنهنجا پَرَ ڪتري ڇڏيو، ۽ پنهنجي روح کي ڪيڙن وانگر زمين تي ريڙهين پائڻ ۾ مبتلا رکو؟

منهنجا روح! زندگي، رات جي هوائي گهوڙي مثل آهي. جيترو تڪڙو اڏرندي اوترو صبح ويجهو ٿيندس.



نالو: محمد نواز پٽي محزون

تعليم: ايم. اي (مسلم هسٽري)، بي. ٽي ۽ ايل. ايل. بي

ڄم جو هنڌ: ميهڙ، ضلع دادو، سنڌ.

ڄم جي تاريخ: 10 جولاء 1933ع.

تخليقون: ڇپيل

1. خالد بن وليد: ريسرچ ورڪ (تاريخ)
2. سلطان صلاح الدين ايوبي: ريسرچ ورڪ (تاريخ)
3. ڪنوار جي سيج (خليل جبران)- ترجمو: (رومان)
4. ڀڳل ڪنيڙائيون (خليل جبران) -ترجمو: (رومان)
5. مجنون (خليل جبران)- ترجمو: (فلسفو)
6. پيغامبر (خليل جبران)- ترجمو: (فلسفو)
7. پيغامبر جو باغ (خليل جبران)- ترجمو: (فلسفو)
8. درس محبت (ابو الڪلام آزاد)- ترجمو: (فلسفو)
9. هڪ ڏڙ جو ماتم (اليگزينڊر-سولزي نتشي)-ترجمو ۽ تخليص (نظرياتي فلسفو)
10. سائينءَ جو سوڳند. ساجن سينئا سهڻو (ماريا) سر رائيڊر هنگرڊ (ترجمو) ناول
11. پرنس: ميڪاولي- ترجمو (سياست)
12. بائبل قرآن ۽ سائنس (بوڪاء)- ترجمو ۽ حاشيه (مذهب)

۽ ٻيا ڪيترا ڪتاب.

مرشد جو نينهن ۽ نياپو جبران خليل جبران / م.ن.محزون سنڌي ساهت گهر (62)

# پڙهندڙ نسُل . پَ نَ

## The Reading Generation

1960 جي ڏهاڪي ۾ عبدالله حسين ” اُداس نسلين“ نالي ڪتاب لکيو. 70 واري ڏهاڪي ۾ وري ماڻِڪَ ”لُڙهندڙ نَسُل“ نالي ڪتاب لکي پنهنجي دورَ جي عڪاسي ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي. امداد حُسينيءَ وري 70 واري ڏهاڪي ۾ ئي لکيو:

انڌي ماءُ ڄڻيندي آهي اونڌا سونڌا ٻارَ
ايندڙ نسل سَمورو هوندو گونگا ٻوڙا ٻارَ

هر دور جي نوجوانن کي اُداس، لُڙهندڙ، ڪُڙهندڙ، ڪُڙهندڙ، ٻَرندڙ، ڇُرندڙ، ڪِرندڙ، اوسيئڙو ڪَندڙُ، ياڙي، ڪاڙُو، ياڄوڪَڙُ، ڪاوڙيل ۽ وِڙهندڙ نسلن سان منسوب ڪري سَگهجي ٿو، پَر اسان اِنهن سڀني وِچان ”پڙهندڙ“ نسل جا ڳولائو آهيون. ڪتابن کي ڪاڳر تان کڻي ڪمپيوُٽر جي دنيا ۾ آڻڻ، ٻين لفظن ۾ برقي ڪتاب يعني e-books ناهي ورهائڻ جي وسيلي پڙهندڙ نسل کي وَڌڻ، ويجهڻ ۽ هِڪَ ٻِئي کي ڳولي سَهڪاري تحريڪ جي رستي تي آڻِڻَ جي آسَ رکون ٿا.

پڙهندڙ نَسل (پَـنَ) ڪا بہ تنظيمَ ناهي. اُنَ جو ڪـو بـہ صدر، عُهديدار يا پايو وِجهندڙ نہ آهي. جيڪڏهن ڪو بہ شخص اهـڙي دعويٰ ڪري ٿـو تـہ پَڪَ ڄاڻو تـہ اُهو ڪُوڙو آهي. نہ ئي وري پَـنَ جي نالي ڪي پئسا گڏ ڪيا ويندا. جيڪـڏهن ڪـو اهڙي ڪوشش ڪـري ٿو تـہ پَڪَ ڄاڻو تہ اُهو بِہ ڪُوڙو آهي.

جهڙيءَ طَرَح وڻـن جا پَـنَ ساوا، ڳاڙها، نيـرا، پيلا يا ناسي هوندا آهن اَهڙيءَ طرح پڙهندڙ نَسُل وارا پَـنَ بہ مختَلِف آهـن ۽ هوندا. اُهي ساڳِئي ئي وقت اُداس ۽ پڙهندڙ، بَرنـدڙ ۽ پڙهندڙ، سُست ۽ پڙهندڙ يا وِڙهنـدڙ ۽ پڙهنـدڙ بـہ ٿـي سگهن ٿا. ٻيـن لفظن ۾پَنَ ڪا خُصوصي ۽ ٽالي لڳَل ڪِلَب Exclusive Club نـہ آهي.

ڪوشش اها هوندي تـہ پَـنَ جا سڀ ڪَم ڪـار سَـهڪاري ۽ رَضاڪار بنيادن تي ٿين، پر ممڪـن آهي تـہ ڪي ڪـم اُجرتـي بنيـادن تـي بہ ٿِيـن. اهـڙي حالت ۾ پَـنَ پاڻ هِڪَـبِئي جي مـدد ڪَـرڻ جـي اُصـولَ هيـٺ ڏي وَٺُ ڪنـدا ۽ غيرتجـارتي -non commercial رهنـدا. پَـنَ پـاران ڪتـابن کـي ڊِجيٽـائِيز digitize ڪرڻ جي عَملَ مان ڪـو بـہ مـالي فائدو يا نفعو حاصل ڪـرڻ جي ڪوشش نہ ڪئي ويندي.

ڪتابن کي ڊِجيٽائِيز ڪرڻ کان پو ٻيو اهم مرحلو وِرهائڻ distribution جو ٿيندو. اِهو ڪم ڪرڻ وارن مان جيڪـڏهن ڪـو پيسا ڪمائي سگهي ٿو تہ ڀلي ڪمـائي، رُڳو پَـنَ سان اُن جو ڪو بہ لاڳاپو نہ هوندو.

پَنَن کي کُليل اکرن ۾ صلاح ڏجي ٿي تہ هو وَسَ پٽاندڙ وڏِ کان وَڏِ ڪتاب خريد ڪَري ڪتابن جي ليکَڪَن، ڇپائيندڙن ۽ ڇاپيندڙن کي هِمٿائِن. پر ساڳِئي وقت عِلم حاصل ڪرڻ ۽ ڄاڻ کي ڦهلائڻ جي ڪوشش دوران ڪَنهن بہ رُڪاوٽَ کي نہ مڃن.

شيخ اَيازَ علمَ، ڄاڻ، سمجهہَ ۽ ڏاهپَ کي گيتَ، بيتَ، سِٽَ، پُڪارَ سان تَشبيهہ ڏيندي انهن سيني کي بَمن، گولين ۽ بارودَ جي مدِ مقابل بيهاريو آهي. اياز چوي ٿو تہ:

گيتَ بہِ جڻ گوريلا آهن، جي ويريءَ تي وار ڪَرن ٿا.

... ...

جئن جئن جاڙ وڌي ٿي جَڳَ ۾، هو بوليءَ جي آڙ ڇُپن ٿا؛

ريتيءَ تي راتاها ڪن ٿا، موتي مَنجهہِ پهاڙ ڇُپن ٿا؛

... ...

ڪالهہَ هُيا جي سُرخ گُلن جيئن، اڄڪلهہ نيلا پيلا آهن؛

گيتَ بہِ جڻ گوريلا آهن........

... ... ... ...

هي بيتُ اَٿي، هي بَم- گولو،

جيڪي بہ ڪٽين، جيڪي بہ ڪٽين!

مون لاءِ ٻنهي ۾ فَرَقُ نہ آ، هي بيتُ بہ بَمَ جو ساٿي آ،

جنهن رِڻ ۾ رات ڪَيا راڙا، تنهن هَڏَ ۽ چَمَ جو ساٿي آ ـ

اِن حسابَ سان اڄڪالهہ جي ٽهي جي ڪي پاڻ تي اِهو سوچي مَڙهڻ تہ "هاڻي ويڙهہ ۽ عمل جو دور آهي، اُن ڪري پڙهڻ تي وقت نہ وڃايو" ناداني جي نشاني آهي.

پَنَ جو پڙهڻ عام ڪِتابي ڪيڙن وانگر رُڳو نِصابي ڪتابن تائين محدود نہ هوندو. رڳو نصابي ڪتابن ۾ پاڻ کي قيد ڪري ڇڏڻ سان سماج ۾ سماجي حالتن تان نظر ڪڄي ويندي ۽ نتيجي طور سماجي ۽ حڪومتي پاليسيون policies اڻجاڻن ۽ نادانن جي هٿن ۾ رهنديون. پَنَ نِصابي ڪتابن سان گڏوگڏ ادبي، تاريخي، سياسي، سماجي، اقتصادي، سائنسي ۽ ٻين ڪتابن کي پڙهي سماجي حالتن کي بهتر بنائڻ جي ڪوشش ڪندا.

پَڙهندڙ نَسُل جا پَنَ سيني کي **چو، ڇالاءِ ۽ ڪيئن** جهڙن سوالن کي هر بَيانَ تي لاڳو ڪرڻ جي ڪوشَ ڏين ٿا ۽ انهن تي ويچار ڪرڻ سان گڏ جوابَ ڳولڻ کي نہ رڳو پنهنجو حق، پر فرض ۽ اڻٽر گهرج unavoidable necessity سمجهندي ڪتابن کي پاڻ پڙهڻ ۽ وڌ کان وڌ ماڻهن تائين پهچائڻ جي ڪوشش جديد ترين طريقن وسيلي ڪرڻ جو ويچار رکن ٿا.

توهان بہ پڙهڻ، پڙهائڻ ۽ ڦهلائڻ جي اِن سهڪاري تحريڪ ۾ شامل ٿي سگهو ٿا. بَس پنهنجي اوسي پاسي ۾ ڏِسو، هر قسم جا ڳاڙها توڙي نيرا، ساوا توڙي پيلا پن ضرور نظر اچي ويندا.

وڻ وڻ کي مون ڀاڪي پائي چيو تہ ”منهنجا ڀاءُ
پهتو منهنجي من ۾ تنهنجي پَنَ پَنَ جو پڙلاءُ“.
- اياز (ڪلهي پاتم ڪينرو)